REG NO. 3833
ABC Certified
ايڊيٽر: اعجاز مهر
روزاني
سنڌيار
سکر
www.dailysindhyar.com
sindhyarskr@gmail.com
(جلد 02) ڇنڇر 09 مارچ 2024 ع بمطابق 27 شعبان المعظم 1445ھ (قيمت 10 روپيا) شمارو: 284

ملڪ ۾ نئين صدر جي چونڊ لاءِ پولنگ اڄ ٿيندي، ايم ڪيوايم پاران آصف زرداري جي حمايت

سينيٽ ۽ قومي اسيمبلي جا ميمبر پارليامنٽ هائوس ۾ اسيمبلي هال ۾ پنهنجو ووٽ وجهندا، سينيٽ، قومي اسيمبلي، بلوچستان اسيمبلي جي هر ميمبر جو هڪ ووٽ شمار ٿيندو

پنجاب، خيبرپختونخوا ۽ سنڌ اسيمبلي ۾ ميمبرن جي انگ کي بلوچستان اسمبلي جي برابر ووٽن ۾ ورهائي شرح ڪڍي ويندي، چونڊ ڳجهي راءِ شماري جي بنياد تي ٿيندي

قومي ۽ صوبائي اسيمبلين جون ڪيئي مخصوص سيٽون اڃا خالي آهن، اليڪٽرول ڪالج مڪمل ٿيڻ تائين اليڪشن ملتوي ڪئي وڃي: محمود اڇڪزئي جو اليڪشن ڪميشن کي خط

يوسف رضا گيلاني، راجا پرويز اشرف، خورشيد شاھ ۽ نويد قمر تي ٻڌل پيپلزپارٽي جو وفد جي يو آءِ سربراھ وٽ پهتو، مولانا فضل الرحمان کي صدارتي چونڊن ۾ سهڪار ڪرڻ جي درخواست ڪئي

لاهور ۾ بلاول ڀٽو زرداري ۽ مريم نواز جي سربراهي ۾ ٻنهي پارٽين جي پارلياماني پارٽي جو اجلاس، بلاول ووٽ گهرڻ نہ بہ اچي ها تڏهن بہ ن ليگ آصف زرداري کي ووٽ ڏئي ها: مريم نواز

اسلام آباد(م د) پاڪستان جي نئين صدر جي چونڊ لاءِ پولنگ (اڄ) ڇنڇر تي منعقد ٿيندي. پارليامنٽ هائوس ۽ چئني صوبائي اسيمبلين ۾ قائم پولنگ اسٽيشنن تي چونڊيل ميمبر صبح 10 وڳي کان شام 4 وڳي تائين پنهنجي راءِ ڏيڻ جو حق استعمال ڪري سگهندا. صدارتي چونڊ ۾ حڪمران اتحاد جو اميدوار اڳوڻو صدر آصف علي زرداري ۽ سني اتحاد ڪونسل ۽ ٻين اپوزيشن پارٽين/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

نگران حڪومت وٽ اختيار نہ هئا، ان جي فيصلن تي نظرثاني ٿيندي: وڏو وزير

قانون پٽاندڙ نگران حڪومت اهڙو ڪو بہ ڪم نٿي ڪري سگهي جنهن جوان کي اختيار نہ هجي، نگران ڪابينا کي گذريل حڪومت جي منصوبن سان هٿ چراند نہ ڪرڻ گهرجي ها

اليڪشن ڪميشن، اسان جون اسڪيمون روڪي ڇڏيون هيون، اهو اليڪشن ڪميشن جو ڪم نہ هو، امن امان جي صورتحال شهرن ۾ بهتر آهي نہ ٻهراڙي ۽ ڪچي واري علائقي ۾

امن امان جي صورتحال کي ظابطي ۾ آڻڻ حڪومت جو ڪم آهي، پوليس کاتي ۾ ڪجھ ڦيرڦار ڪئي پئي وڃي جنهن بابت صلاح مشورا جاري آهن، مهانگائي ڪنٽرول ڪرڻ بہ حڪومت جوئي ڪم آهي

رمضان پرائس ڪنٽرول ۽ ذخيرا اندوزي خلاف ڪم شروع ڪري ڇڏيو آهي، مان پاڻ ان مهم جي نگراني ڪندس، جيڪڏهن انتظاميا ظابطو نٿي آڻي سگهي تہ انتظاميا کي سزا ملندي

آصف زرداري واضح اڪثريت سان صدر چونڊجي ويندو، آچر تي نئين صدر جي حلف برداري تقريب ٿيندي، ان کانپوءِ سنڌ ۽ بلوچستان جي ڪابينا بہ ٺهي ويندي

پ پ، ن ليگ ۽ اتحادين سان مشاورت ڪري ڪابينا جي جوڙجڪ ڪندي، پيپلزپارٽي ۽ ن ليگ جي حڪومت سازي بابت قائم ڪميٽي وزارتن جو فيصلو ڪندي: پريس ڪانفرنس

ڪراچي(رپورٽر) وڏي وزير سيد مراد علي شاھ چيو آهي تہ نگران صوبائي ڪابينا جي سمورن فيصلن تي نظرثاني ڪئي ويندي. ڪراچي ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي مراد علي شاھ چيو تہ قانون پٽاندڙ نگران حڪومت اهڙو ڪو بہ ڪم نٿي ڪري سگهي جنهن جو ان کي اختيار نہ هجي، نگران ڪابينا کي گذريل حڪومت جي منصوبن سان هٿ چراند نہ ڪرڻ گهرجي ها. وڏي وزير چيو تہ اليڪشن ڪميشن، اسان جون اسڪيمون روڪي ڇڏيون هيون، اهو اليڪشن ڪميشن جو ڪم نہ هو امن امان جي صورتحال شهرن ۾ بهتر آهي نہ ٻهراڙي ۽ ڪچي واري علائقي ۾، امن امان جي صورتحال کي ظابطي ۾ آڻڻ حڪومت/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

ڪراچي: وڏو وزير سيد مراد علي شاھ پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

پنجاب اسيمبلي ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو کي قومي جمهوري هيرو قرار ڏيڻ جو قرارداد اڪثريت راءِ سان منظور

لاهور (م د) پنجاب اسيمبلي ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو کي قومي جمهوري هيرو قرار ڏيڻ واري قرارداد اڪثريت راءِ سان منظور ڪري ورتي. تفصيل موجب پيپلز پارٽي جي حيدر علي گيلاني پنهنجي پارٽي جي باني ذوالفقار علي ڀٽو کي باضابطا طور تي شهيد ۽ قومي جمهوري هيرو قرار ڏيڻ لاءِ پنجاب اسيمبلي ۾ قرارداد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

اهڙو معاشرو چاهيون ٿا جتي هر پاڪستاني عورت بااختيار هجي: بلاول ڀٽو زرداري

قومي مقصد حاصل ڪرڻ جي جدوجهد ۾ پاڪستاني عورتن جي جذبي، حوصلي ۽ عزم کي سلام پيش ڪريان ٿو

قائد عوام شهيد ڀٽو عورتن کي بااختيار بڻائڻ ۽ سمورن شعبن ۾ سندن شموليت کي يقيني بڻائڻ لاءِ بي مثال پاليسين جو بنياد رکيو

شهيد بينظير مسلم اڪثريتي ملڪ جي پهرين عورت وزيراعظم جي حيثيت سان عورتن جي سامهون آيل رنڊڪن کي ٽوڙي ڇڏيو

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري عورتن جي عالمي ڏينهن تي سڀني عورتن کي مبارڪون ڏنيون آهن/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

لاهور: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري گورنر هائوس ۾ پارٽي اجلاس جي صدارت ڪندي

لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ سني اتحاد ڪائونسل جي مخصوص سيٽون نہ ملڻ بابت درخواست ٻڌڻي لاءِ مقرر

لاهور (م د) لاهور هاءِ ڪورٽ سني اتحاد ڪائونسل جي مخصوص سيٽون نہ ملڻ واري درخواست/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

اسلام آباد: صدر عارف علوي کي الوداعي گارڊ آف آنر پيش ڪندي

قرض جي ڏيڻ مان نڪرڻ لاءِ پسند ناپسند کي دفن ڪري گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو: وزيراعظم

رڳو پي آءِ اي جو نقصان 825 ارب رپيا آهي، هر سال سرڪاري ادارا ڪيترائي سئو ارب رپين جو نقصان ڪن ٿا

طوفاني برساتن مڪمل تباھ ٿيل گهرن کي ست لک ۽ جزوي تباھ ٿيلن کي ساڍا ٽي لک رُپيا معاوضو ڏنو ويندو

اين ڊي ايم اي کي هدايت ڪري رهيو آهيان تہ جتي هيلي ڪاپٽر جي ضرورت هجي استعمال ڪريو

مظفر آباد(م د) وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو آهي تہ وفاقي حڪومت پاران آزاد ڪشمير ۾ برساتن ۽ برفباري جي متاثرين کي 13 مارچ تائين/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

ڇهن ورهين تائين سينيٽ چيئرمين رهندڙ صادق سنجراڻي جو سينيٽ رڪن طور مدو پورو

ڪراچي (رپورٽر) ڇهن ورهين تائين سينيٽ چيئرمين جي عهدي تي رهندڙ صادق سنجراڻي جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

عورتن کي هيسائڻ منهنجي ريڊ لائين آهي: مريم نواز

چاهيان ٿي تہ ٻين صوبن ۾ بہ عورتون وزيراعليٰ هجن، هر ڏينهن عورتن جو ڏينهن هوندو آهي

حراسگي سميت ڪوڙ سارا معاملا برداشت ڪرڻ باوجود عورتون هر شعبي ۾ بهترين ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪري رهيون آهن

لاهور (م د) پنجاب جي وزيراعليٰ مريم نواز چيو آهي تہ افسوس آهي زيادتي وارن واقعا روز جو معمول بڻجي چڪا آهن. عورتن کي هيسائڻ منهنجي ريڊ لائين آهي. عورتن جي عالمي ڏهاڙي جي مناسب سان ڪونايل تقريب کي خطاب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

پنجاب جو اڳوڻو نگران وڏو وزير محسن نقوي سينيٽ چونڊ وڙهندو

محسن نقوي کي گهرو معاملن جو صلاحڪار بڻائڻ جو امڪان آهي: ذريعا

صلاحڪار بنجڻ بعد نقوي پي سي بي چيئرمين جو عهدو پڻ برقرار رکندو

لاهور(م د) پنجاب جي اڳوڻي نگران وڏي وزير ۽ پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ جي موجودا چيئرمين محسن نقوي سينيٽ جي چونڊ وڙهندو. ذريعن موجب، محسن نقوي کي گهرو معاملن جو صلاحڪار بڻائڻ جو امڪان آهي. ذريعن جو چوڻ آهي تہ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

صدر ڊاڪٽر عارف علوي جي اعزاز ۾ الوداعي گارڊ آف آنر

الوداعي گارڊ آف آنر پيش ڪرڻ جي تقريب ايوان صدر ۾ ٿي

صدر کي هٿيار بند فوج جي دستي گارڊ آف آنر پيش ڪيو

اسلام آباد (م د) صدر ڊاڪٽر عارف علوي جي مان ۾ الوداعي گارڊ آف آنر پيش ڪيو ويو آهي. صدر ڊاڪٽر عارف علوي کي الوداعي گارڊ آف آنر پيش ڪرڻ جي تقريب ايوان صدر ۾ ٿي. تقريب ۾ صدر ڊاڪٽر عارف علوي جي گهرواري ثمينہ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

لاهور هاءِ ڪورٽ جي هڪ فيصلي سان اليڪشن وري ڊي ريل ٿي پئي سگهي: چيف جسٽس

اسان اهو ڪيس ٽن ججن تي ٻڌل بئنچ ٺاهي ٻڌڻ چاهيون پيا پر جسٽس اعجاز الاحسن ويهڻ کان انڪار ڪيو

ائين نہ ٿئي ها تہ صدر ۽ اليڪشن ڪميشن جي ڏنل تاريخ تي اليڪشن ڊي ريل ٿي پئي سگهي

جسٽس طارق مسعود کي لاهور هاءِ ڪورٽ جو چيف جسٽس نہ بڻائي صوبي جو نقصان ڪيو ويو پر فائدو سپريم ڪورٽ کي ٿيو

اسلام آباد (م د) چيف جسٽس پاڪستان قاضي فائزعيسيٰ جو چوڻ آهي تہ لاهور هاءِ ڪورٽ جي هڪ فيصلي سان اليڪشن وري ڊي ريل ٿي پئي سگهيا پر آسان موڪلن تي وڃڻ پهرين رات تائين ڪيس ٻڌو جسٽس سردار طارق /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

پي ڊي ايم ملڪ کي ڏيوالي کان بچايو، هاڻي اسان مستحڪم آهيون: اسحاق ڊار

ايوان اندر علامتي احتجاج تہ صحيح آهي پر قومي اسيمبلي ۾ جيڪو ٿي رهيو آهي ان سان سٺو پيغام نٿو وڃي

مان نہ چوندس تہ ڪنهن غلط ڪم ڪيو آهي تہ ان کي معاف ڪري ڇڏيو، پاڪستان خلاف سازش آهي تہ ملڪ کي ڪمزور ڪيو وڃي

اسلام آباد(م د) پاڪستان مسلم ليگ ن جي سينيٽر اسحاق ڊار چيو آهي تہ ميثاق معيشت ۽ ميثاق جمهوريت وقت جي اهم گهرج آهي. سينيٽ جي اجلاس ۾ الوداعي خطاب ڪندي اسحاق ڊار چيو تہ هن ايوان ۾ تمام گهڻو ڪم ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

سنڌ اسيمبليءَ جي ٽن مخصوص سيٽن کي صدارتي چونڊن ۾ نہ ڳڻڻ جو حڪم

صدارتي چونڊن ۾ عدالت اميدوار جي حق ۾ ووٽ ڪاسٽ ڪرڻ واري عمل ۾ مداخلت نٿي ڪرڻ چاهي: عدالت

ٽيستائين صوبائي اسيمبلي جي ٽن ووٽن کي فيصلائتو نہ سمجهيو وڃي جيستائين درخواست تي حتمي فيصلو نٿو اچي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ حڪم جاري ڪيو آهي تہ سنڌ اسيمبليءَ جي ٽن مخصوص سيٽن کي صدارتي چونڊن ۾ نہ ڳڻيو وڃي. پ پ جي سميتا افضال، ايم ڪيوايم جي فوزيا حميد ۽ پ پ جي اقليتي سيٽ تي سريندر ولاسائي گڏريل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

صحافي اسد طور جي وڌيڪ جسماني ريمانڊ جي درخواست رد، عدالتي ريمانڊ تي جيل حوالي

اسد طور وٽان اليڪٽرانڪ ڊيوائسز هٿ ڪرڻيون آهن، جوابدار جو وڌيڪ چار ڏينهن جو ريمانڊ گهرجي: ايف آءِ اي

پيڪا ايڪٽ موجب 30 ڏينهن جو جسماني ريمانڊ وٺي سگهجي ٿو، اسد طور جو وڌيڪ جسماني ريمانڊ گهربل آهي

اسلام آباد(م د) اسلام آباد جي مقامي عدالت اسد طور جي وڌيڪ جسماني ريمانڊ جي استدعا رد ڪندي ڪيس جڊيشل ريمانڊ تي جيل موڪلي ڇڏيو. اسلام آباد جي ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ ۾ صحافي اسد طور جي جسماني ريمانڊ تي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

اتر وزيرستان ۾ فورسز جي ڪارروائي، 4 دهشتگرد مارجي ويا

مارجي ويل دهشتگرن جي قبضي مان هٿيار، بارودي مواد هٿ ڪيو ويو: آءِ ايس پي آر

دهشتگرد علائقي ۾ دهشتگردي ۽ ٻين وارداتن ۾ ملوث هئا

راولپنڊي (م د) اتر وزيرستان ۾ سيڪيورٽي فورسز جي گڏيل آپريشن دوران چار دهشتگرد مارجي ويا. پاڪ فوج جي ترجمان اداري موجب، اتر/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

بلاول ڀٽو سان ايم ڪيوايم وفد جي ملاقات جي اندروني ڪهاڻي سامهون اچي وئي

خالد مقبول صديقي ۽ فاروق ستار بلاول ڀٽو جي سامهون بلدياتي نمائندن کي وڌيڪ اختيار ڏيڻ جي ڳالھ رکي

شهيد بينظير ڀٽو جو خواب هو تہ هيٺين سطح تائين اختيارن کي منتقل ڪيا وڃي: فاروق ستار

پارٽي جي آڏو اختيارين جي وڌيڪ هيٺين سطح تائين منتقلي وارو معاملو رکندس: بلاول ڀٽو زرداري

ڪراچي (م د) ايم ڪيوايم پاڪستان، پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري کي اختيار وڌيڪ هيٺين سطح تي منتقلي تي قائل ڪري ورتو. خالد مقبول صديقيءَ جي سربراهي ۾ ايم ڪيو ايم وفد بلاول ڀٽو زرداري سان ملاقات ڪئي جنهن دوران ملڪي سياسي صورتحال ۽ اختيارن جي منتقلي بابت ڳالھ ٻول ٿي. ذريعن موجب، خالد مقبول صديقي ۽ فاروق ستار بلاول ڀٽو جي سامهون بلدياتي نمائندن کي وڌيڪ اختيار ڏيڻ جي ڳالھ رکي. ذريعن جو چوڻ آهي تہ فاروق ستار بلاول زرداري سان مڪالمو ڪندي چيو تہ شهيد بينظير ڀٽو جو خواب هو تہ هيٺين سطح تائين اختيارن کي منتقل ڪيا وڃي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

لاهور: پنجاب جي وڏي وزير مريم نواز شهر جي دوري دوران عورتن سان ملندي

مقامي ۽ سياسي مسئلن تي تبصرو نہ ڪندا آهيون: آءِ ايم ايف جو نمائندو

آءِ ايم ايف کي پي ٽي آءِ طرفان 28 فيبروري تي خط مليو، خط پاڪستان جي قرض پروگرام بابت آهي

آءِ ايم ايف هڪ عالمي ادارو آهي جنهن جو مينڊيٽ معاشي مسئلن تائين محدود آهي

پاڪستان سان انگيجمينٽ جو مقصد مالي استحڪام آهي، مقصد شهرين جي فائدي لاءِ پائيدار ۽ گڏيل ترقي آهي

پاڪستان ۾ آءِ ايم ايف جي نمائنده ايسٽر پيرز

اسلام آباد(م د) پاڪستان ۾ آءِ ايم ايف جي نمائندي ايسٽر پيرز عمران خان جي خط تي ردعمل ۾ چيو آهي تہ آءِ ايم ايف مقامي ۽ سياسي مسئلن تي تبصرو ناهي ڪندو. هڪ بيان ۾ آءِ ايم ايف جي نمائندي ايسٽر پيرز چيو تہ آءِ ايم ايف کي پي ٽي آءِ طرفان 28 فيبروري تي خط مليو. خط پاڪستان جي قرض پروگرام بابت آهي. هن چيو تہ آءِ ايم ايف هڪ عالمي ادارو آهي جنهن جو مينڊيٽ معاشي مسئلن تائين محدود آهي تنهنڪري آءِ ايم ايف مقامي ۽ سياسي مسئلن تي تبصرو ناهي ڪندو. سندس چوڻ هو تہ پاڪستان سان سندن انگيجمينٽ جو مقصد مالي استحڪام آهي. سندن/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

حيدرآباد: فائرنگ ۾ زخمي نوجوان زندگي ۽ موت جي ٻہ واٽي تي

زخمي آڪاش کي صحت ۾ سڌارو نہ اچڻ سبب آءِ سي يو ۾ منتقل ڪيو ويو

نوجوان آڪاش کي دماغ جي نازڪ حصي ۾ گولي لڳل آهي: ذريعا

حيدرآباد (م د) حيدر آباد ۾ هٿيارٻند جي فائرنگ ۾ زخمي ٿيل نوجوان زندگي ۽ موت جي ٻہ واٽي تي بيٺل آهي. گذريل ڏينهن نسيم نگر ٿاڻي جي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

نئون ديرو ويجهو فائرنگ ۾ 2 نوجوان ناريون مارجي ويون

اطلاع تي پوليس پهچي نارين جا لاش اسپتال منتقل ڪري ڇڏيا

واقعو ڪوڪر برادري جي ٻن ڌرين ۾ هلندڙ پراڻي تڪرار تان پيش آيو: پوليس

نئون ديرو (م د) نئون ديرو ويجهو ميرواھ ڪوڪر ۾ هٿيارٻندن جي فائرنگ ۾ 2 نوجوان نارين مارجي ويون. هٿيارٻندن جي فائرنگ ۾ ڪرن زال سڪندر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

پشاور: شارجا ويندڙ مسافر جي ٿيلهي مان چار ڪلو آئس هٿ

ٿيلهي جي هيٺان انتهائي مهارت سان لڪايل آئس هيروئن هٿ ڪئي وئي

3.90 ڪلو آئس هيروئن جي شارجا اسملگنگ کي ناڪام بڻايو ويو: اي ايس ايف

پشاور (م د) ايئرپورٽ سيڪيورٽي فورس(اي ايس ايف) پشاور هوائي اڏي تي ڪارروائي ڪندي شارجا ويندڙ مسافر جي سامان مان ائڪل/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

هفتيوار بنيادن تي مهانگائي جي شرح ۾ 1.11 سيڪڙو جو وڏو اضافو ٿيو آهي: شماريات کاتو

بصر 60 روپيا 28 پئسا واڌ سان 238 روپيا 30 پيسا في ڪلو، پٽاٽا 13 روپيا 36 پئسا في ڪلو مهانگا ٿيا.

ڪيلا 10 روپيا 22 پئسا في درجن، بيضا 6 روپيا 71 پئسا في درجن، بيف 11 روپيا 76 پئسا في ڪلو مهانگو ٿيو

برائلر ڪڪڙ 31 روپيا 3 پئسا في ڪلو جڏهن تہ چانھ جو 190 گرام وارو پاڪيٽ 7 روپيا 13 پئسا سستو ٿيو

ڪراچي (م د) نگران حڪومت جي وڃڻ کان پوءِ پهرين هفتي ۾ ئي مهانگائي ۾ وڏي واڌ رڪارڊ ڪئي وئي آهي ۽ هفتيوار بنيادن تي مهانگائي جي شرح ۾ 1.11 سيڪڙو جو وڏو اضافو ٿيو آهي. ڳڻپ واري کاتي جي رپورٽ موجب ساليانو بنيادن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

موسميات کاتي پاران سنڌ سميت سڄي ملڪ ۾ برساتن جي اڳڪٿي

سنڌ ۾ 10 کان 12 مارچ دوران گجگوڙ ۽ ڪنوڻ سان برسات، انڌاري ۽ موسم خشڪ رهڻ جو امڪان آهي

9 مارچ تي بلوچستان ۾ داخل ٿيندڙ هوائن جو سلسلو ٻارنهن مارچ تائين ملڪ جي اترين علائقن کي پنهنجي گهيري ۾ آڻيندو

اسلام آباد، راولپنڊي، اٽڪ، چڪوال، مري ۽ گليات ۾ 11 کان 14 مارچ تائين برسات جو امڪان آهي

ڪراچي (م د) موسميات کاتي ملڪ جي ڪيئي علائقن ۾ برسات ۽ برفباري جي اڳڪٿي ڪئي آهي. موسميات کاتي موجب، سنڌ ۾ 10 کان 12 مارچ دوران گجگوڙ ۽ ڪنوڻ سان برسات، انڌاري ۽ موسم خشڪ رهڻ جو امڪان/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

دبئي ۾ پينو فقيرن خلاف وڏي پيماني تي ڪريڪ ڊائون شروع

خيرات ڏيڻ کان پاسو ڪيو ۽ پينوفقيرن جي حوصلا شڪني ڪريو: دبئي پوليس

پينوفقيرن تي 5 هزار درهم ڏنڊ لڳندو ۽ کين 3 مهينا جيل جي بہ سزا ڀوڳڻي پوندي

دبئي (م د) دبئي ۾ پينوفقيرن جي خلاف وڏي پيماني تي مهم شروع ڪئي وئي آهي. دبئي پوليس عوام کي درخواست ڪئي آهي تہ خيرات ڏيڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

ملڪ ۾ اسٽيڊيمز جي اپ گريڊيشن جي رٿا، حيدرآباد جو نياز اسٽيڊيم نظرانداز

لاهور ۾ پي سي بي جي چيئرمين جي صدارت هيٺ اجلاس، نيسپاڪ جي عملدارن پاران اسٽيڊيمز جي اپ گريڊيشن بابت بريفنگ

چيمپيئنز ٽرافي کان پهريان ٽن اسٽيڊيمز جي اپ گريڊيشن مڪمل ڪئي ويندي: محسن نقوي جي هدايت

لاهور (م د) پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ جي چيئرمين محسن نقوي طرفان ايندڙ سال چيمپئنز ٽرافي کان اڳ ملڪ جي ٽن اهم اسٽيڊيمز کي اپ گريڊ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. جنهن ۾ نياز اسٽيڊيم حيدرآباد ۽ ارباب نياز اسٽيڊيم پشاور /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

سرحدن تي فوجين جي مقرري، چين ڀارت کي خبردار ڪري ڇڏيو

هماليا جي سرحد تي وڌيڪ فوجين جي مقرري خطي جي امن لاءِ خطرو آهي: چيني پرڏيهي وزارت

سرحدي علائقن جي امن ۽ استحڪام جي تحفظ لاءِ ڀارت سان گڏجي ڪم ڪرڻ لاءِ پرعزم آهيون

بيجنگ (م د) چين ڀارت کي خبردار ڪيو آهي تہ هماليا جي سرحد تي وڌيڪ فوجين جي مقرري خطي جي امن لاءِ خطرو آهي. پرڏيهي خبررسان اداري موجب چين جي پرڏيهي وزارت جي ترجمان مائوننگ ڀارت کي تنبيھ ڪئي آهي تہ هماليا سرحد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

پنجاب اسيمبلي ۾ مخصوص سيٽن تي چونڊيل 24 ميمبرن حلف کڻي ورتو، احتجاج

سني اتحاد ڪائونسل ۾ شامل پي ٽي آءِ جي حمايت يافتہ ميمبرز پاران اسپيڪر جي ڊائيس جو گهيراءُ ڪيو ويو

مخصوص سيٽن وارو ڪيس عدالت ۾ هئڻ سبب پنجاب حڪومت اُٻهرائي ۾ ميمبرن کي حلف کنايو: راڻا آفتاب

سني اتحاد ڪائونسل جون سيٽون ٻين جماعتن ۾ ورهائڻ ۽ انهن ميمبرز کي حلف کنائڻ وڏي ناانصافي آهي

لاهور (م د) پنجاب اسيمبلي ۾ مخصوص سيٽن تي چونڊيل 24 ميمبرن حلف کڻي ورتو. اسپيڪر ملڪ احمد خان عورتن جي 21 ۽ اقليتن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

پهريون ڀيرو پاڪستاني پارليامينٽيرين آءِ ايم ايف ۽ ورلڊ بئنڪ بورڊ جو ميمبر چونڊجي ويو

اسلام آباد (م د) ملڪي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو پاڪستان پارليامينٽ جو ميمبر آءِ ايم ايف ۽ ورلڊ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

غزه: تازي اسرائيلي بمباري ۾ تباھ ٿيل عمارت جو ملبو هٽايو پيو وڃي

اسلام آباد: بيگم ثمينا عارف علوي تقريب کي خطاب ڪندي

عورتن کي بااختيار بڻائڻ سماجي ترقي ۽ خوشحالي جي لاءِ لازمي آهي: ثمينہ علوي

تعليم ۽ معاشي خودمختياري ئي عورتن جي صحيح معنيٰ ۾ آزادي ۽ ترقي جي ضامن آهي

اسان جي ذميواري آهي تہ اسان عورتن کي معاشري ۾ انهن جو جائز مقام ۽ تحفظ ڏياريون

راولپنڊي (م د) خاتون اول بيگم ثمينہ علوي چيو آهي تہ عورتن کي بااختيار بڻائڻ ڪنهن بہ ملڪ جي سماجي ترقي ۽ خوشحالي جي لاءِ لازمي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

چيف جسٽس لاهور هاءِ ڪورٽ حلف کڻي ورتو

گورنر پنجاب محمد بليغ الرحمان چيف جسٽس لاهور هاءِ ڪورٽ ملڪ شهزاد احمد کان حلف ورتو

تقريب ۾ پنجاب جي وڏي وزير مريم نواز، پنجاب اسيمبلي جي اسپيڪر ملڪ محمد احمد خان شرڪت ڪئي

لاهور (م د) چيف جسٽس لاهور هاءِ ڪورٽ جسٽس ملڪ شهزاد احمد خان عهدي جو حلف کڻي ورتو گورنر پنجاب محمد بليغ الرحمان چيف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

پيوٽن کي پيغام آهي نہ هار مڃينداسين نہ يوڪرين جي مسئلي تي جهڪنداسين: بائيڊن

جمهوريت کي آمريڪا ۽ ٻاهرين دنيا ۾ خطرا آهن، جمهوريت تي حملا ٿي رهيا آهن پر اسان سر نہ جهڪائينداسين

يوڪرين سان گڏ هئاسين ۽ گڏ رهنداسين، روس يوڪرين تي حملو ڪري يورپ ۽ يورپ کان ٻاهر ڏڦيڙ پيدا ڪيو آهي

آمريڪا يوڪرين کي هٿيار ڏنا تہ اهو پنهنجو دفاع ڪري سگهي ٿو: سينيٽ آف دي يونين کي خطاب

واشنگٽن: آمريڪي صدر جو بائيڊن سينيٽ آف دي يونين کي خطاب ڪندي

واشنگٽن (م د) آمريڪي صدر جو بائيڊن چيو آهي تہ صدر پيوٽن کي منهنجو پيغام آهي تہ اسان هار نہ مڃينداسين. يوڪرين جي مسئلي تي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

سنڌ ۾ رمضان دوران سرڪاري آفيسن جو وقت تبديل ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ سرڪار طرفان رمضان دوران سرڪاري آفيس جي وقت ۾ تبديلي ڪئي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

صحافي علي بخش ٻوهيو تي ڪوڙو ڪيس داخل ڪرڻ ۽ بدامني خلاف احتجاجي مظاهرو

ڪوڙو ڪيس داخل ڪرڻ، بدامني، چورين ۽ ڦرن خلاف پريس ڪلب نوشهرو فيروز آڏو مظاهرو ڪيو ويو

صحافي اتحاد جي اڳواڻ امحمد يونس راڄپر، مولابخش مشوري، شاهد چنه، خادم سيال ۽ ٻيا شريڪ ٿيا

خبرون هلائڻ تان صحافي علي بخش ٻوهيو ۽ پاءُ سميت 5 گهرڀاتين تي ڪوڙو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي

نوشهروفيروز (رپورٽر: منظور ملڪ) صحافي علي بخش ٻوهيو تي ڪوڙو ڪيس داخل ڪرڻ، بدامني، چورين ۽ ڦرن خلاف پريس ڪلب نوشهرو فيروز آڏو سنڌ صحافي اتحاد پاران احتجاجي سلسلو جاري رهيو مظاهري کي خطاب ڪندي سنڌ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

نوشهروفيروز: صحافي علي بخش ٻوهيو تي ڪيس داخل ٿيڻ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڪنڌڪوٽ لڳ ڳاڙهي موري وٿان بدائي واسي نوجوان هٿياربندن هٿان اغوا

ڪنڌڪوٽ (رپورٽر امداد ٻنگوار) ڪنڌڪوٽ لڳ ڳاڙهي موري وٿان بدائي واسي نوجوان شيرمحمد پٺو اغوا. گبلو ٿاڻي جي حد ڳاڙهي موري وٿان 18 سالن جو نوجوان عورتاڻي آواز تي هرڪجي اغوا ٿي ويو. خبر موجب بدائي واسي نوجوان شير محمد ولد شاهه بخش پٺو عورتاڻي آواز تي هرڪجي گبلو ٿاڻي جي حد ڳاڙهي موري وٿان اغوا ٿي ويو. نوجوان شير محمد جو تعلق بدائي شهر جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

شڪارپور پوليس جو ڌوهارين سان مقابلو، ٻه بدو فائرنگ جي نتيجي ۾ هڪ ڌوهاري مارجي ويو

خانپور ٿاڻي جي حد لڪڙا هوٽل ويجهو قومي شاهراه تي ٿي پيو، ڌوهاري زخمي حالت ۾ گرفتار ٿي پيو

هڪ ڌوهاري موقعي تي ئي مارجي ويو آهي ٻئي ڌوهاري کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو آهي: پوليس

شڪارپور (رپورٽر: عبدالخالق سومرو) شڪارپور پوليس جو ڌوهارين سان مقابلو ٻه بدو فائرنگ جي نتيجي ۾ هڪ ڌوهاري مارجي ويو ۽ هڪ ڌوهاري زخمي حالت ۾ گرفتار، پوليس مقابلو خانپور ٿاڻي جي حد لڪڙا هوٽل ويجهو قومي شاهراه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

شڪارپور: پوليس مقابلي ۾ مارجي ويل ۽ زخمي ڌوهارين جو ڏيک

نوشهروفيروز ۾ سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئشن پاران هڪ ڏينهن جي مفت اکين جي ڪئمپ لڳائي وئي

ڊاڪٽر محمد خان شيخ جي سهڪار سان هڪ ڏينهن جي مفت اکين جي ڪئمپ سرڪاري اسپتال ۾ لڳائي وئي

بشير احمد سولنگي ۽ سندس ٽيم جديد اوزارن سان شگر جي مريضن جي اکين جي پوئين پردي جو چيڪ اپ ڪيو

سگا اڳواڻ پروفيسر بخش علي چانڊيو، سگا شاخ ڦل جي صدر محمد خالد ميمڻ ۽ ٻين پاران شرڪت ڪئي وئي

نوشهرو فيروز (رپورٽر:منظور ملڪ) سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئشن (سگا) شاخ ڦل پاران شاخ ڦل جي سدا حيات سائين ماجد علي ميمڻ ۽ استاد امداد ملاح جي ياد ۾ سنڌ جي مشهور اکين جي ماهر ڊاڪٽر محمد خان شيخ جي سهڪار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

نوشهروفيروز : سگا اڳواڻ مفت اکين جي ميڊيڪل ڪئمپ جو افتتاح ڪري رهيا آهن

نئون ديرو شهر ۽ ڀرپاسي جي علائقن ۾ بدامني جي وڌي وڃڻ بعد ايس ايس پي لاڙڪاڻو پاران نوٽيس

نئون ديرو(رپورٽر) نئون ديرو شهر ۽ ڀرپاسي جي علائقن ۾ بدامني جي وڌي وڃڻ بعد شهرين جي شڪايتن تي ايس ايس پي لاڙڪاڻو عبدالرحيم شيرازي جي اڳواڻيءَ ۾ نئون ديرو، ڪيٽي ممتاز، ڳڙهي خدابخش، ماهوٽا، ڏامراهه، رتوديرو سميت مختلف ٿاڻن جي پوليس اهلڪارن اي پي سي گاڏين ۽ پوليس موبائلن سان گڏجي ڪچي ۽ پڪي جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

ٽنڊومحمدخان گورنمينٽ پرائمري اسڪول ڪريم آباد ۾ وڻڪاري مهم جي سلسلي ۾ ٻوٽا پوکيا ويا

ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر ايليمينٽري اينڊ سيڪنڊري ايجوڪيشن، تعلقه ايجوڪيشن آفيسر شريڪ ٿيا

اڄڪلهه وڻن جي اهميت کي اجاگر ڪرڻ جي ضرورت آهي ۽ وڻ وڍڻ بجاءِ پوکڻ تي زور ڏنو ويو: سيد امجد شاهه

ماحول کي صاف رکڻ ۽ ماحوليات گدلاڻ کي روڪڻ لاءِ وڻن جي اهميت اڻٽر ٿي وئي آهي، پڻ هڪ عبادت آهي

ٽنڊومحمدخان (ڊر ايم علي بروهي) گورنمينٽ پرائمري اسڪول ڪريم آباد ٽنڊومحمدخان ۾ وڻڪاري مهم جي سلسلي ۾ ٻوٽا پوکيا ويا ان موقعي تي ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر ايليمينٽري اينڊ سيڪنڊري ايجوڪيشن ، تعلقه ايجوڪيشن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

نوشهرو فيروز ويجهو ڳوٺ پير جمن جي رهواسين پاران بنيادي سهولت نه هجڻ خلاف احتجاج

گورنمينٽ پرائمري اسڪول محمد مٺل پيٽي جي شاگردن بنيادي سهولت نه هجڻ خلاف مظاهرو ڪيو

بارشن جي ڪري بلڊنگ جي زبون حالت ٿي وئي ديوارون ڪري پيون ڇت جا ڇاپڙ به ڪري پيا آهن: شاگرد

ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن ورڪس نوشهروفيروز هڪ ڪمرو منظور ڪري ڏنو ان ڪم اڃان تائين نه ٿيو آهي: ڳالهيون

نوشهرو فيروز(رپورٽر: اسد علي عمراڻي) نوشهرو فيروز ويجهو ڳوٺ پير جمن جي رهواسين گورنمينٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

نوشهروفيروز: ڳوٺ پير جمن واسي اسڪول ۾ سهولتون نه هجڻ خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

سجاول ويجهو ٻنورو لڳ لنڪ روڊ تي سهتا برادري جي ٻن نوجوانن کان ڦرلٽ مزاحمت زخمي

سجاول (رپورٽ ممتازعلي نهڙيو) سجاول ويجهو ٻنورو لڳ لنڪ روڊ تي سهتا برادري جي ٻن نوجوان غلام نبي سهتو ۽ غلام رسول سهتو کان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

خانپورمهر جي هائير سيڪنڊري اسڪول ۾ سائنسي ميلو لڳايو ويو، ماڊلز نمائش لاءِ پيش

سائنسي ميلي ۾ پوزيشن ماڻيندڙ شاگردن ۾ ڊي اي او گهوٽڪي ۽ ٽي اي او خانڳڙهه پاران انعام ڏنا ويا

مختلف خانگي اسڪولن جي شاگردن توڙي شاگردياڻين پاران خوبصورت سائنسي ماڊل نمائش لاءِ رکيا

خانپورمهر (رپورٽ:آفتاب سيال) خانپورمهر جي هائير سيڪنڊري اسڪول ۾ سائنسي ميلو لڳايو ويو جنهن ۾ سرڪاري توڙي خانگي اسڪولن جي شاگردن پاران 40 کان وڌيڪ ماڊلز رکيا ويا، پوزيشن ماڻيندڙ شاگردن ۾ ڊي اي او گهوٽڪي ۽ ٽي اي او خانڳڙهه پاران انعام ڏنا ويا.خبرموجب، خانپورمهر جي گورنمينٽ هائير سيڪنڊري اسڪول خانپورمهر ۾ سائنسي ميلو منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ ڳوٺ علي مهر، ولو مهر،قاضي بادل ۽ خانپورمهر جي مختلف خانگي اسڪولن جي شاگردن توڙي شاگردياڻين پاران /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

نوشهرو فيروز ويجهو ڳوٺ منظور لاشاري جي عورتن مردن ۽ ٻارڙن پاران احتجاجي مظاهرو

غوث بخش لاشاري ، احسان لاشاري، گلزار لاشاري،ربينه، زبيده ۽ ٻين احتجاجي مظاهرو ڪيو

زميني تڪرار تان سعيده زال حق نواز لاشاري کي سعيد خان جوابدارن گوليون هڻي قتل ڪيو هو: الزام

جوابدارن مٿان داخل ٿيل آهي پر ڦل پوليس رشوت وٺي ماٺ جو روزو رکي ڇڏيو آهي، نوٽيس ورتو وڃي

نوشهروفيروز(رپورٽر: اسد علي عمراڻي) نوشهرو فيروز ويجهو ڳوٺ منظور لاشاري جي عورتن مردن ۽ ٻارڙن قاتل جي گرفتاري لاءِ ڦل پوليس خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو احتجاج جي اڳواڻي غوث بخش لاشاري ، احسان لاشاري، گلزار لاشاري،ربينه، زبيده ۽ ٻيا پڻ ڪري رهيا هئا انهن ٻڌايو ته پنج ڏيهن اڳ زميني تڪرار تان سعيده زال حق نواز لاشاري کي سعيد خان، خادم ،رياض، نظير، گلبهار،لطيف،سرور عرف ناظم ، مصطفا،سومر،سرور ولد مريد ۽ ٻين بيدردي سان گوليون هڻي قتل ڪيو جنهن جو ڦل ٿاڻي تي ڪيس جوابدارن مٿان داخل ٿيل آهي پر ڦل پوليس رشوت وٺي ماٺ جو روزو رکي ڇڏيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

نوشهروفيروز: ڳوٺ منظور لاشاري واسي انصاف لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

ٺٽي جي مقامي ٺيڪيدارن کي مختلف کاتن ۾ ايندڙ ترقياتي ڪمن ۾ نظرانداز ڪرڻ خلاف احتجاج

جوڙيل تنظيم ڪانٽريڪٽرس ايسوسيئشن آف سنڌ ضلعي ٺٽي جو اهم اجلاس ٺٽي شهر ۾ ٿي گذريو

محمد امين بروهي پير اياز قريشي، شاهنواز بروهي، حاجي فاروق احمد آرائين، ممتاز سومرو، جبار پنيرو شريڪ

ناانصافي برداشت نه ڪئي ويندي، ساڻن انصاف ڪري ڪين نظرانداز ڪرڻ وارو رويو ختم ڪيو وڃي: ڳالهيون

ٺٽو(ٻر) ٺٽي جي مقامي ٺيڪيدارن کي ضلعي جي مختلف کاتن ۾ ايندڙ ترقياتي ڪمن ۾ نظرانداز ڪرڻ خلاف ٺيڪيدار سراپا احتجاج بڻجي ويا، ان سلسلي ۾ ٺيڪيدارن پاران جوڙيل تنظيم ڪانٽريڪٽرس ايسوسيئشن آف سنڌ ضلعي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

سکر ۾ عورتن جو عالمي ڏهاڙو: پهل پاڪستان پاران يو اين وومين جي گڏيل سهڪار سان ڪانفرنس

پهل پاڪستان پاران يو اين وومين جي گڏيل سهڪار سان آرٽس ڪائونسل ۾ ڪانفرنس ڪوٺائي وئي

ايڊووڪيٽ غزالا ڪاشف، ايڊووڪيٽ فرزانا ڪوسو، سحرش ڪوڪر، ايڊووڪيٽ بختاور شيخ ۽ ٻين خطاب ڪيو

پهل پاڪستان پسمانده علائقن مان چونڊيل عورتن کي معاشي طور خودمختيار بڻائڻ لاءِ ڪم ڪري رهي آهي: اڳواڻ

سکر(رپورٽر: امداد علي گل ڪلوڙ)سکر ۾ عورتن جو عالمي ڏهاڙو ملهايو ويو* پهل پاڪستان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

Day: Friday
Venue: Su ur Arts C
ORGANIZ PAHEL PAK

سکر: عورتن جي عالمي ڏينهن جي حوالي سان ڪوٺايل تقريب جو ڏيک

ٽنڊوباگو شهر جي وارڊ نمبر هڪ شيدي محلي جي رهواسي پيرسن پاران احتجاجي مظاهرو

ٽنڊوباگو(رپورٽ رفاقت جروار) ٽنڊوباگو شهر جي وارڊ نمبر هڪ شيدي محلي جي رهواسي پيرسن شخص محمد صديق ملاح ٽنڊوباگو پريس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

دادو ۾ سماجي تنظيم پاران 200 خاندانن کي بينظير انڪم سپورٽ ۾ رجسٽرڊ ڪرايو ويو

ليگل ايڊ سوسائٽي جي طرفان آئي او ايم جي تعاون سان ٻوڏ متاثر علائقن ۾ سروي ڪيو ويو آهي

سرٽيفڪيٽ نهرائي ڪري تقسيم ڪرڻ ۽ مستحق خاندانن کي بينظير انڪم سپورٽ ۾ رجسٽرڊ ڪرڻ هيو

دادو(رپورٽر: عزيزالله خاصخيلي) سماجي تنظيم پاران 200 خاندانن کي بينظير انڪم سپورٽ ۾ رجسٽرڊ ڪرايو ويو ليگل ايڊ سوسائٽي ضلع دادو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

سجاول ۾ اين ٽي ايس ٽيسٽ پاس اميدوارن پاران آفر آرڊر نه ملڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

قاسم ميمڻ، عبدالقيوم، علي محمد شاهه مراد علي، صديق ميمڻ محمد علي ڪنڀار احتجاج ڪيو

ٽيسٽ پاس اميدوارن کي نظرانداز ڪري ايس ٽي ايس پاس اميد کي آفرآرڊر ڏنا پيا وڃن: مظاهرين جو مطالبو

سجاول (رپورٽ ممتازعلي نهڙيو) سجاول ۾ اين ٽي ايس ٽيسٽ پاس اميدوارن پاران آفر آرڊر نه ملڻ خلاف احتجاج ڪيو ويو. سجاول ۾ اين ٽي ايس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

سورج سجاولي ڊسٽر

سجاول: اين ٽي ايس ٽيسٽ پاس اميدوار مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

سجاول شهر واسي جو بااثر وڪيل جي موتمار ڌمڪين ۽ ڪوڙن ڪيس خلاف احتجاجي مظاهرو

شهر جو رهواسي نبي بخش عرف نبو هٿيار سورج سجاولي پريس ڪلب پهچي احتجاج رڪارڊ ڪرايو

لياقت جماري مڃرجي پيو ۽ ڪرسي تي ويهڻ جو بهانو ڄاڻائي ٽڏو هٿي اٿاري ڇڏيو: نبي بخش عرف نبو

سجاول (ڊ ر) سجاول شهر واسي جو بااثر وڪيل جي موتمار ڌمڪين ۽ ڪوڙن ڪيس خلاف احتجاج، انصاف جي اپيل. سجاول شهر جو رهواسي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

سجاولي ڊسٽرڪٽ پريس ڪلب

نوشهروفيروز ۾ ايس آر بي مان برطرف اهلڪارن پاران احتجاجي مظاهرو، شديد نعريبازي

برطرف اهلڪارن امجد وسطڙو، مسعود قريشي ۽ ٻين پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو

پڳهارون به بند آهن جنهن ڪري برطرف اهلڪارن جي گهرن ۾ فاقا ڪشي جي صورتحال آهي: اڳواڻ

نوشهروفيروز(رپورٽر: منظور ملڪ) ايس آر بي مان برطرف اهلڪارن پاران احتجاج ڪيو ويو برطرف اهلڪارن پريس ڪلب نوشهروفيروز آڏو احتجاجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

شڪارپور وچ شهر مان هٿياربندن جي دڪان تان لکين رپيا ڦر، ضابطو نه اچي سگهيو

دڪان تي عملي جي 4 ڄڻن کان 10 لک کان وڌيڪ روڪ رقم ۽ 3 موبائيل فون ڦر ڪيا ويا

واقعي بعد اطلاع تي حد جي ٿاڻي جي پوليس واقعي واري هنڌ تي پهچي واقعي بابت ڄاڻ ورتي

شڪارپور (عبدالخالق سومرو) شڪارپور وچ شهر مان هٿياربندن جي دڪان تان لکين رپيا ڦر. خبر موجب شڪارپور شهر ۾ بدامني تي ضابطو نه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

نوشهروفيروز ۾ مها شِوراتڙي جو ڏهاڙو وڏي ڌام ڌوم سان ملهايو ويو، زائرين شريڪ

ميلي جو افتتاح سائين رام داس صاحب ڪيو ۽ شِولنگ تي کير ۽ ڦل فروٽ چاڙهيو

خوشي واري رات جو اسان سڀ شنڪر ڀڳوان ۽ ماتا پاروتيءَ جي پوڄا ڪندا آهيون: منتظمين

نوشهروفيروز(ٻر) نوشهرو فيروز جي بابا جمناداس آدسين دربار صاحب ۾ مها شِو راتڙي جو ٽن ڏينهن وارو ميلو جاري آهي جنهن ۾ سونُو ڪمار پنهنجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

نوشهروفيروز: بابا جمناداس آدسين دربار صاحب ۾ مها شو راتڙي جو ميلو ملهايو پيو وڃي

واٽرپارڪ گهارو ويجهو ايمبولنس ۽ لينڊ ڪروزر ۾ ٽڪر ٿيڻ سبب 2 ڊرائيور زخمي

ٽڪر ٿيڻ جي نتيجي ۾ زخمين ڊرائيورن کي گهارو هيلٿ سينٽر آندو منتقل ڪيو ويو

محمد خان کي فرسٽ ايڊ ڏيئي ڪيس وڌيڪ علاج لاءِ مڪلي اسپتال ريفر ڪيو ويو آهي

ٺٽو(ٻر) واٽر پارڪ گهارو ويجهو ايمبولنس ۽ لينڊ ڪروزر ۾ ٽڪر ٿيڻ جي نتيجي ۾ ٻنهي گاڏين جا ڊرائيور سخت زخمي ٿي پيا، زخمين ڊرائيورن کي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

ٺٽي ڪرناٽي چوڪ ٺٽووٽ بائِي پاس موڙ تي تيزرفتار مزدا جو رڪشا کي ٽڪر

حادثي جي نتيجي ۾ رڪشا ۾ سوار 4 عورتون سخت زخمي ٿي پيون اسپتال داخل ڪيو ويو

شهر ۾ ڏينهن ڏٺي ميونسپل ڪميٽي اڳيان راهه ويندڙ عورتن کان نامعلوم چور پرس ڦري فرار ٿي ويا

ٺٽو(ٻر) ٺٽي شهر لڳ ڪرناٽي چوڪ ٺٽووٽ بائِي پاس موڙ تي تيزرفتار مزدا رڪشا کي زوردار ٽڪر هڻي ڪڍيو، جنهن جي نتيجي ۾ رڪشا ۾ سوار 4 /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

ريلوي ورڪرز يونين يونٽ جنگشاهي جي اليڪشن جنگشاهي ۾ ٿي گذري، باڊي جوڙي وئي

چيئرمين حافظ صادق مگسي، صدر محمد جوکيو، سينيئر نائب صدر رسول بخش پالاري شريڪ ٿيا

جوائنٽ سيڪريٽري عاشق علي، نائب صدر وقار علي پالاري، رابطه سيڪريٽري سليم الدين بروهي شريڪ

ٺٽو(ٻر) ريلوي ورڪرز يونين يونٽ جنگشاهي جي اليڪشن جنگشاهي ۾ ٿي گذري، جنهن ۾ ريلوي ورڪرز پاران متفق راءِ سان جنگشاهي يونٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

دادو ۾ ڊي سي جي صدارت هيٺ اجلاس، اي سيز تعلقن جو دورو ڪن: فياض حسين

ڊسٽرڪٽ ڪائونسل هال دادو ۾ چئني تعلقن جي اسسٽنٽ ڪمشنرن ۽ ٻين شرڪت ڪئي

مقرر ڪيل اگهه کان وڌيڪ اگهه تي شيون وڪرو ڪندڙن خلاف قانوني موجب ڪارروائي ڪئي ويندي

مطابق کاڌي پيتي جون شيون وڪرو ڪن ۽ انتظاميه سان تعاون ڪن ته جيئن عوام کي وڌ کان وڌ فائدو ملي سگهي

دادو(رپورٽر عزيزالله خاصخيلي) دادو ڊپٽي ڪمشنر فياض حسين راهوجو جي صدارت هيٺ دادو ڊسٽرڪٽ ڪائونسل هال دادو ۾ چئني تعلقن جي اسسٽنٽ ڪمشنرن، مختيارڪارن، پرائس مارڪيٽ عملدارن ۽ ٻين ضلعي جي لاڳاپيل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

دادو: ڊي سي فياض حسين راهوجو ڪوٺايل اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

خيرپور ناٿن شاهه ۾ منشيات جو ڪاروبار جاري، نوجوانن جون زندگيون داءَ تي لڳل

خيرپور ناٿن شاهه(رپورٽر: برڪت علي چانڊيو) خيرپور ناٿن شاهه ۾ سري عام منشيات جو ڪاروبار جاري نوجوانن جون زندگيون داءُ تي لڳل. احتجاجي مظاهرو شهر جي سياسي سماجي ۽ مذهبي جماعتن طرفان (جدوجهد ڪاميٽي خيرپور ناٿن شاهه) جي نالي هيٺ اتحاد قائم ڪري ورتو جدوجهد ڪاميٽي طرفان ميونسپل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

فاران شگرملز انتظاميه ۽ مزدور يونين ۾ بونس نه ڏيڻ تان پيدا ٿيل اختلاف ختم ٿي ويا

مطالبن جي مڃتا لاءِ 9 مارچ تي اعلانيل ڌرڻي کان اڳ ملز انتظاميه مزدورن اڳيان گوڏا کوڙي ڇڏيا

جي ايم لغاري غلام رسول ٿهيم ۽ ڊي جي ايم مختيار لغاري جي درميان ڪامياب ڳالهيون ٿيون

اسان ڌرڻو ملتوي ڪرڻ جو اعلان ڪيون ٿا اسان جو ملز انتظاميه سان ڪوبه ذاتي تڪرار ناهي: جي ايم لغاري

ٽنڊو محمد خان (ڊر ايم علي بروهي) فاران شگرملز انتظاميه ۽ مزدور يونين ۾ مزدورن کي 5 پرسنٽ ۽ بونس نه ڏيڻ تان پيدا ٿيل اختلاف ختم ٿي ويا مزدور يونين پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ 9 مارچ تي اعلانيل ڌرڻي کان اڳ ملز انتظاميه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

سنڌ جي هزارين ضرورت مند خاندانن ۾ راشن تقسيم ڪرڻ جي تقريب ڪاتوڙ ۾ منعقد

متحده عرب امارات جي سفير بٿيق عتيق الرمانتي ڪاتوڙ جي 3 هزار خاندانن ۾ راشن تقسيم ڪيو

قمبر شهدادڪوٽ خيرپور غيبي ديرو ساڪرو سميت بلوچستان جي علائقن ۾ به راشن تقسيم ڪيو ويندو

هر حڪومت سان ملي ڪري ڪم ڪندي آهي، ترقي ۾ متحده عرب امارات سهڪار ڪندي رهندي: بٿيق عتيق الرمانتي

مليرا(رپورٽ فاروق پنگوار) سنڌ جي هزارين ضرورت مند خاندانن ۾ راشن تقسيم ڪرڻ جي تقريب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

ملير: متحده عرب امارات جا عملدار مستحقن ۾ راشن تقسيم ڪري رهيا آهن

خانپورمهر ويجهو درگاهه احمد سائين جي گادي نشين ميان عبدالرئوف جو فرزند لاڏاڻو ڪري ويو

خانپورمهر (رپورٽ:آفتاب سيال) خانپورمهر ويجهو درگاهه احمد سائين جي گادي نشين ميان عبدالرئوف جو فرزند ميان عبدالصمد لاڏاڻو ڪري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

بدين ۾ رمضان مهيني ۾ مهانگائي تي ڪنٽرول ڪرڻ جي سلسلي ۾ ڊي سي ۽ واپارين ۾ اختلاف

ڪراچي ۽ حيدرآباد جي هول سيلرن عام واهپي جون شيون ذخيرو ڪري اگهه چوٽ چاڙهي ڇڏيا آهن: واپاري

جڏهن اسان کي مهانگيون شيون ملنديون ته اسين سستيون ڪيئن وڪرو ڪنداسين. ڊي سي کي آگاهه ڪيو آهي

اسان وٽ به اهڙيون شڪايتون پهتيون آهن ۽ هاڻ اسان توهان تي چيڪ اينڊ بيلنس رکڻ لاءِ ڪميٽي جوڙيون ٿا: ڊي سي

بدين(رپوٽ مرتضي ميمڻ) رمضان شريف جي مهيني ۾ مهانگائي تي ڪنٽرول ڪرڻ ۽ عام واهپي جون شيون سستي اگهن ۾ وڪرو ڪرڻ جي سلسلي ۾ ڊي سي بدين ۽ واپارين وچ ۾ اختلاف ڪراچي ۽ حيدرآباد جي هول سيلرن عام واهپي جون شيون، ذخيرو ڪري اگهه چوٽ چاڙهي ڇڏيا آهن مهانگيون شيون خريد ڪري اسان سستي اگهن ۾ وڪرنٿا ڪري سگهون ان لاءِ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

شاهه لطيف لوڪل گورنمينٽ ايمپلائيز يونين سنڌ جو اهم اجلاس، ملازمن پاران احتجاج

مرڪزي چيئرمين حافظ مشتاق احمد ڪوريجو جي اڳواڻيءَ ۾ ملازمن احتجاج رڪارڊ ڪرايو

قمبر شهدادڪوٽ، جيڪب آباد، دادو، شڪارپور، ڪشمور ڪنڌڪوٽ، ڄامشورو جا اڳواڻ شريڪ

مانجهند، سجاول جو ٽيچو ٽائون ڪاميٽين جا ملازم پڳهارن لاءِ سراپا احتجاج بڻيل آهن: مشتاق احمد

نئون ديرو(رپورٽر: شاد محمود پٺو)شاهه لطيف لوڪل گورنمينٽ ايمپلائيز يونين سنڌ جو اجلاس نئون ديرو جي ريسٽ هائوس لان ۾ يونين جي مرڪزي چيئرمين حافظ مشتاق احمد ڪوريجو جي صدارت ۾ ٿي گذريو، جنهن ۾ سنڌ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

ٽنڊو غلام حيدر ۾ 8 ئي يونين ڪائونسل جا سرڪاري اسڪول بنيادي سهولتن کان محروم

درجنين اسڪول بلڊنگون مال جي واڙن ۾ تبديل ڪافي اسڪول بلڊنگز جو ڇتيون زبون ٿي ويون

معصوم ٻارڙن نياڻين لاءِ باٿ روم ميسر نه آهن، ڪيترائي اسڪول مرمت نه ٿيڻ ڪري ڪنبر بڻجي ويا

مائٽن طرفان ماضي ۽ مستقبل ۾ ڪوڙ شڪايتون ملڻ بعد انتظاميا اسڪولن جو وزٽ به نه ڪري سگهي

ٽنڊو غلام حيدر (رپورٽر ميرحسن رند) سموري تعلقي جي 8 ئي يونين ڪائونسل جا سڀئي سرڪاري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

ٽنڊوغلام حيدر: انتظاميا جي نااهلي سبب زبون حال بڻيل اسڪول جو ڏيک

شاهه لطيف لوڪل گورنمينٽ ايمپلائيز يونين سنڌ جو اهم اجلاس، ملازمن پاران احتجاج

نئون ديرو(رپورٽر) شاهه لطيف لوڪل گورنمينٽ ايمپلائيز يونين سنڌ جو اهم اجلاس مرڪزي چيئرمين حافظ مشتاق احمد ڪوريجو جي اڳواڻيءَ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

نئون ديرو لڳ پراڻي خوني تڪرار تان عورتن جي حقن واري عالمي ڏهاڙي تي 2 عورتون قتل

جهيڙي ۾ گهر ۾ موجود 23 ورهين جي نسيم خاتون زال يار محمد ڪوڪر ۽ 28 ورهين جي ڪرن مارجي ويون

ڌرين ۾ هلندڙ پراڻي خوني تڪرار تان پيش آيو آهي مختلف رخن کان وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي: ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو

پوسٽ مارٽم ڪندڙ ڊاڪٽر موجب مقتولا عورتن کي منهن ۽ سيني ۾ گوليون لڳل هيون، واقعي بعد علائقي ۾ خوف ۽ هراس

نئون ديرو(رپورٽر) عورتن جي حقن واري عالمي ڏهاڙي تي نئون ديرو لڳ پراڻي خوني تڪرار تان 2 نوجوان عورتون قتل، اطلاع تي پوليس پهچي لاش پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪيا، واقعي جون خبرون ميڊيا تي اچڻ بعد ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

سکر ۾ 208 ڏينهن گذرڻ باوجود جان محمد مهر جا قاتل گرفتار نه ٿيا، احتجاجي تحريڪ جاري

يونين آف جرنلسٽ پاران شهيد صحافي جان محمد مهر جا مک قاتل گرفتار نه ڪرڻ خلاف احتجاج جاري

صحافين اسد پٺاڻ جي اڳواڻي ۾ سکر پريس ڪلب اڳيان احتجاجي علامتي بک هڙتال جو سلسلو جاري رهيو

جهانزيب وسير، قاضي ضياءالرحمان، يار محمد سومرو، ڪاشف ڦلپوٽو، طفيل وسطڙو، ناصر جعفري ۽ ٻيا شريڪ ٿيا

سکر(رپورٽر: امداد علي گل ڪلوڙ) سکر ۾ 208 ڏينهن گذرڻ باوجود سکر جي شهيد ڪيل سينيئر صحافي اينڪرپرسن جان محمد مهر جا قاتل گرفتار نه ڪيا، صحافين جي احتجاجي تحريڪ جاري، قاتلن جي گرفتاري لاءِ نعرا هنيا ويا، بلاول ڀٽو زرداري کان نوٽيس وٺڻ جي اپيل. سکر يونين آف جرنلسٽ پاران شهيد صحافي جان محمد مهر جا مک قاتل گرفتار نه ڪرڻ خلاف 208 ڏينهن پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽ جي مرڪزي اڳواڻ لالا اسد پٺاڻ جي اڳواڻي ۾ جمعي ڏينهن به سکر پريس ڪلب اڳيان احتجاجي علامتي بک هڙتال جو سلسلو جاري رکيو ويو ان موقعي تي قاتلن جي گرفتاري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

سکر: صحافي جان محمد جي قتل واقعي خلاف قلم ڌڻي احتجاج ڪري رهيا آهن

ٽنڊومحمد خان جي مدرسه دارالعلوم سيده خديجة الڪبرىٰ قادريه محموديه ۾ تقريب

حفظ القرآن جي شعبي ۾ پهريون ، ٻيون ۽ ٽيون نمبر کٽندڙن کي انعام به ڏنو ويو آهي: اڳواڻ

شاگردن ۽ شاگردياڻين کي مدرسي جي هيڊ مفتي علي رضا محمودي قادري ۽ ٻين شرڪت ڪئي

ٽنڊومحمد خان (ڊر ايم علي بروهي) ٽنڊومحمد خان جي مدرسه دارالعلوم سيده خديجة الڪبرىٰ قادريه محموديه ۾ هڪ عظيم الشان تقريب جو اهتمام ڪيو ويو جنهن ۾ درس نظامي ، حفظ القرآن جي شعبي ۾ پهريون ، ٻيون ۽ ٽيون نمبر کٽندڙن کي انعام به ڏنو ويو درس نظامي جي ٽن ڪلاسن جي اجتماعي رزلٽ ۾ پهريون نمبر حافظ جميل خاصخيلي لڳ نانگو شاهه ، (درجه ابتدائيه) ٻيون نمبر حافظ محمد صالح جانوري لڳ نائون ميل اسٽاپ , (درجه ابتدائيه) ، ٽيون نمبر محمد عرفان خاصخيلي لڳ درگاهه سخي شاهه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
ڇنڇر 09 مارچ 2024ع

روايتن جي زنگيل زنجيرن سان ٻڌل سنڌ جي عورت

اڄ شمسي ڪئلينڊر جي مارچ مهيني جي 8 تاريخ آهي. اڄوڪو ڏينهن پاڪستان سميت سڄي دنيا ۾ عورتن جي عالمي ڏهاڙي طور ملهايو پيو وڃي. ان ڏينهن تي اسان جي ملڪ ۾ به جاڳرتا لاءِ ريليون نڪرنديون. سيمينار ٿيندا. پنج ستاره هوٽلن جي سينگاريل هالن ۾ عورتن جي حقن جي تحفظ جي جنگ وڙهي ويندي. شعلا بياني جا جوهر ڏيکاريا ويندا. لفظن جي فضول خرچي جا رڪارڊ ٽٽندا. اهو سڀ ڪجهه سرڪاري توڙي غير سرڪاري تنظيمن المعروف سول سوسائٽي جي ولولا انگيز قيادت ۾ ٿيندو، جن جو جياپو ڏيهي توڙي پرڏيهي فنڊنگ جي آڪسيجن تي آهي. اڄوڪي ڏينهن تي ئي جيڪا اهم سرگرمي ٿي رهي آهي، اها آهي عورت آزادي مارچ. جيڪا سرگرمي ڪجهه سالن کان لڳاتار ٿيندي اچي ۽ اها ئي عورتن جي جاڳرتا جي سرگرمي آهي. جنهن ۾ هر سال ڀهراڙين جي عورتن جي شرڪت وڌي رهي آهي. سنڌ ۾ ڀهراڙين جي عورتن کي شعور ڏيڻ ۽ متحرڪ ڪرڻ جو عمل مهينو ڏيڍ اڳ ۾ شروع ٿي ويندو آهي. نه ته هن کان اڳ ۾ سنڌ جي اڌ آباديءَ کي اها خبر ئي نه هوندي هئي ته انهن جو به ڪو عالمي ڏينهن آهي!

هڪ سنڌ اها آهي، جنهن جو قومي شاعر فيمينسٽ آهي. جنهن جي عظيم شاعريءَ جو اُپ سندس ستن سورمين تي بيٺل آهي ۽ ان شاعريءَ مان جيڪڏهن انهن سورمين کي ڪڍيو وڃي ته باقي ڪجهه نه بچندو. اها ان سنڌ جي ڳالهه آهي، جتي نوري جي نوڙت کان سسئي جي جدوجهد کي وڌيڪ ساراهيو وڃي ٿو. هيءَ ان سنڌ جي ڳالهه آهي، جتي جي مائي جندو سوين مڙسن جو مٽ آهي. سنڌ جو هڪ ٻيو به لقاءُ آهي، جيڪو ڪنهن به ريت عالمگير امن جو پيغام ڏيندڙ ڪويءَ واري سنڌ جي تصوير پيش نٿو ڪري. ان سنڌ جون عورتون قيد بامشقت جهڙي زندگي گذارين ٿيون. هتي عورتن جي انساني رتبي کي مڃڻ ته پري جي ڳالهه، هن سنڌ جا ڏاها هن اڌ آباديءَ جي سڃاڻپ لاءِ نالي تي به متفق نه آهن. ڪي عورت ٿا سڏين ته ٻين جو اهو اعتراض آهي ته عورت فارسي لفظ آهي. ان کي مائي سڏيو وڃي. ڪي ان خلق کي زائفان سڏڻ جي حق ۾ آهن ته ڪي وري زائفان کي ضعف جي علامت ٿا سمجهن ۽ ناري سڏڻ لاءِ دليل ٿا ڏين. مطلب ته اسان ان اڌ آباديءَ جي نالي تي به متفق نه آهيون. سنڌ جي عورت روايتن جي زنگيل زنجيرن سان ٻڌل آهي. جنهن کي مرضيءَ سان جيئڻ جو به حق حاصل نه آهي. ڪوجوڙو جيڪڏهن مرضيءَ سان جيئڻ جو حق استعمال ڪري ٿو ته ان لاءِ اسان تعزير جهڙو اصطلاح جوڙي ورتو آهي ۽ اهو آهي 'پيار جو پرٿو'. هر پرٿو پيار جو هجڻ گهرجي. هر ڪنهن کي مرضيءَ سان جيون ساٿي چونڊڻ جو حق هجڻ گهرجي، پر سنڌ دنيا کان نرالي آهي. عورت جيڪڏهن جبر جي مزاحمت ڪري ٿي، انڪار جي جرئت ڪري ٿي ته ان کي ڪاري ڪري ماريو وڃي ٿو. شايد ئي دنيا ۾ ڪٿي 'ڪارين' جا ايترا قبرستان هجن. اها 'انفراديت' صرف سنڌ کي حاصل آهي. اسان سمجهون ٿا ته عورتن خلاف جبر جو وڏي ۾ وڏو سبب اهو آهي ته عورتن ۾ تعليم جي اڻاٺ آهي. تعليم سان ئي شعور ايندو آهي پر خاص طور تي سنڌ ۾ عورتن جي تعليم تي ڌيان ناهي ڏنو ويو. خود حڪومت طرفان به ان معاملي کي سنجيده ناهي ورتو ويو. ان ۾ وڏي ۾ وڏي رڪاوٽ اهي سياسي ۽ جرڳائي پوتار آهن، جن جي رسائي اختيار ۽ اقتدار جي ايوانن تائين آهي. اسان جو الميو اهو آهي ته اسان دعويداري ته قوم هجڻ جي ٿا ڪريون پر پنهنجن روين سان اڻ سڌريل قبيلن جو ڏيک ڏيون ٿا.

ملڪ ۾ انتها پسندي چوٽ تي آهي. ان عورت دشمن روين کي به جنم ڏنو آهي. تازو لاهور ۾ عربي الفابيٽ وارا ڪپڙا پائيندڙ عورت تي توهين جو الزام هڻي قتل ڪرڻ لاءِ هڪ وڏو انبوهه پهچي ويو. جنهن کي اي ايس پي شهربانو نقوي وقت سر پهچي ان جنوني هجوم مان ٻاهر ڪڍي بچائي ورتو. مطلب ته عورت پنهنجي مرضيءَ سان جيئڻ ته پري جي ڳالهه، پنهنجي مرضيءَ جا ڪپڙا به نٿي پائي سگهي. انتها پسند رويا ايترا ته وڌي ويا آهن جو عورت آزادي مارچ کي روڪرائڻ لاءِ عدالت سان به رجوع ڪيو وڃي ٿو.

عورت آزادي مارچ سان جنهن نموني تيزيءَ سان عورتن ۾ جاڳرتا پئي پکڙجي اهو هڪ ساراهه جوڳو قدم آهي. توڙي جو اسان وٽ عورتن جي حقن جي تحفظ جي حوالي سان قانون سازي به ٿيل آهي پر انهن تي عمل نٿو ڪيو وڃي. عورتن جي حوالي سان روين ۾ ايستائين تبديلي نه ايندي، جيستائين خود عورت ۾ پنهنجي حقن جي تحفظ جي حوالي سان شعور نه ايندو ۽ شعور جي لاءِ تعليم ضروري آهي، جيڪو سنڌ جي ان اڌ آباديءَ جو پڻ حق آهي.

بقايا 01 ***

پيش ڪيو. جنهن کي اڪثريت راءِ سان منظور ڪيو ويو. ياد رهي ته گذريل ڏينهن سنڌ اسيمبلي ۾ اڳوڻي وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽو کي قومي هيرو قرار ڏيڻ ۽ جمهوريت جي بحالي لاءِ عظيم قربانيون ڏيندڙ سياسي ڪارڪنن کي نشان ڀٽو ايوارڊ ڏيڻ جو ٺهراءُ پاس ڪيو ويو هو.

بقايا 02 ***

جو ڪم آهي. پوليس کاتي ۾ ڪجهه ڦيرڦار ڪئي پئي وڃي جنهن بابت صلاح مشورا جاري آهن. هن چيو ته مهانگائي ڪنٽرول ڪرڻ به حڪومت جوئي ڪم آهي. رمضان پرائس ڪنٽرول ۽ ذخيرا اندوزي خلاف ڪم شروع ڪري ڇڏيو آهي، مان پاڻ ان مهم جي نگراني ڪندس. جيڪڏهن انتظاميا ضابطو نٿي آڻي سگهي ته انتظاميا کي سزا ملندي. هڪ سوال جي جواب ۾ مراد علي شاهه جو چوڻ هو ته آصف زرداري واضح اڪثريت سان صدر چونڊجي ويندو اڄ ٽي نئين صدر جي حلف برداري تقريب ٿيندي. ان ڪانپوءِ سنڌ ۽ بلوچستان جي ڪابينا به ٺهي ويندي. پ پ، ن ليگ ۽ اتحادين سان مشاورت ڪري ڪابينا جي جوڙجڪ ڪندي، پيپلز پارٽي ۽ ن ليگ جي حڪومت سازي بابت قائم ڪميٽي وزارتن جو فيصلو ڪندي.

بقايا 03 ***

جو نامزد اميدوار محمود خان اڇڪزئي وچ ۾ مقابلو آهي. سينيٽ ۽ قومي اسيمبلي جا ميمبر پارليامينٽ هائوس ۾ اسيمبلي هال ۾ پنهنجو ووٽ وجهندا. صدر جي چونڊ ڳجهي راءِ شماري جي بنياد تي ٿيندو جتي سينيٽ، قومي اسيمبلي، بلوچستان اسيمبلي جي هر ميمبر جو هڪ ووٽ شمار ٿيندو جڏهن ته پنجاب، خيبرپختونخوا ۽ سنڌ اسيمبلي ۾ ميمبرن جي انگ کي بلوچستان اسيمبلي جي برابر ووٽن ۾ ورهائي شرح ڪڍي ويندي. صدر مملڪت جي چونڊ لاءِ اليڪشن ڪميشن طرفان شيڊول پهرين مارچ تي جاري ڪيو ويو هو جنهن مطابق نامزدگي ڪاغذ 2 مارچ، انهن جي ڇنڊ ڇاڻ 4 مارچ، نامزدگي ڪاغذن جي واپسي 5 مارچ جڏهن ته ريٽائرمينٽ جي تاريخ 6 مارچ مقرر ڪئي وئي هئي. اليڪشن ڪميشن صدارتي چونڊ ۾ حصو وٺندڙ اميدوارن کي چيو آهي ته اهي پولنگ جو عمل شروع ٿيڻ کان اڳ لاڳاپيل ايوان يا اسيمبلي جي ميمبرن مان هڪ هڪ پولنگ ايجنٽ نامزد ڪري سگهن ٿا جيڪو پولنگ ۽ ڳڻپ جي عمل جو مشاهدو ڪندو. ان کان گذريل رات ايم ڪيو ايم وفد ۽ بلاول ڀٽو زرداري ۾ ملاقات دوران ايم ڪيو ايم آصف علي زرداري کي ووٽ ڏيڻ جو اعلان ڪيو هو. هوڏانهن سني اتحاد ڪائونسل طرفان صدارتي چونڊن ۾ اميدوار محمد خان اڇڪزئي صدارتي چونڊون ملتوي ڪرڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو پشتونخوا ملي عوامي پارٽي جي سربراهه محمود خان اڇڪزئي صدارتي چونڊون ملتوي ڪرڻ بابت اليڪشن ڪميشن کي خط لکي ڇڏيو آهي. محمود اڇڪزئي پنهنجي خط ۾ چيو آهي ته قومي ۽ صوبائي اسيمبلين جون ڪيئي مخصوص سيٽون اڃا خالي آهن. اليڪٽورل ڪالج مڪمل ٿيڻ تائين اليڪشن ملتوي ڪئي وڃي. ٻئي پاسي پ پ جي وفد جي يو آءِ (ف) جي سربراهه مولانا فضل الرحمان سان ملاقات ڪري صدارتي چونڊن ۾ سهڪار جي درخواست ڪئي آهي. ذريعن موجب، پ پ وفد جي قيادت اڳوڻي وزيراعظم يوسف رضا گيلاني ڪئي، وفد ۾ راجا پرويز اشرف، خورشيد شاهه ۽ نويد قمر شامل هئا. جي يو آءِ طرفان مولانا عبدالغفور حيدري، حاجي غلام علي، انجنيئر ضياءِ الرحمان ملاقات ۾ شريڪ ٿيا. ذريعن جو چوڻ آهي ته ملاقات ۾ پ پ جي وفد مولانا فضل الرحمان سان صدارتي چونڊن ۾ سهڪار جي درخواست ڪئي. پنجاب جي وزيراعليٰ مريم نواز چيو آهي ته بلاول ووٽ گهرڻ نه به اچي ها تڏهن به ن ليگ آصف زرداري کي ووٽ ڏئي ها. لاهور ۾ ن ليگ ۽ پ پ جي گڏيل پارليامانی پارٽي اجلاس کي خطاب ڪندي مريم نواز جو چوڻ هو ته شڪر آهي ايوان صدر ۾ اهڙي شخصيت اچي رهي آهي جيڪا گڏجي ڪم ڪرڻ تي يقين رکي ٿي. هن چيو ته صوبائي اسيمبلي ۾ ن ليگ ۽ اتحادي جماعتن جا ايم پي ايز صدارتي چونڊن ۾ آصف زرداري کي ئي ووٽ ڏيندا. مريم نواز چيو ته گذريل پنج سالن دوران ايوان صدر کي سياسي مقصدن لاءِ استعمال ڪيو ويو.

بقايا 04 ***

بلاول ڀٽو زرداري پنهنجي پيغام ۾ چيو آهي ته قومي مقصد حاصل ڪرڻ جي جدوجهد ۾ پاڪستاني عورتن جي جذبي، حوصلي ۽ عزم کي سلام پيش ڪريان ٿو. قوم سازي ۾ پاڪستاني عورتن جو ڪردار بي مثال رهيو آهي. بلاول ڀٽو زرداري چيو ته اڄ عورتن جي عالمي ڏينهن تي ضروري آهي ته اسان جي عورتن جي خدمتن کي ساراهيو وڃي. منهنجي پارٽيءَ هميشه عورتن جي حقن، ڀلائي ۽ آزادي جي تحفظ لاءِ پرعزم رهي آهي. پ پ چيئرمين چيو ته قائد عوام شهيد ڀٽو عورتن کي بااختيار بڻائڻ ۽ سمورن شعبن ۾ سندن شموليت کي يقيني بڻائڻ لاءِ بي مثال پاليسين جو بنياد رکيو. قائد عوام شهيد ڀٽو جي سماجي انصاف جي عزم ملڪ ۾ برابري واري سماج جو بنياد رکيو بلاول ڀٽو زرداري موجب شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي قيادت ۾ پاڪستان عورتن جي حقن ۾ تاريخي اڳڀرايون حاصل ڪيون. شهيد محترمه بينظير ڀٽو مسلم اڪثريتي ملڪ جي پهرين عورت وزيراعظم جي حيثيت سان عورتن جي سامهون آيل رنڊڪن کي ٽوڙي ڇڏيو شهيد محترمه بينظير ڀٽو صنفي برابري، تعليم ۽ صحت جي شعبن ۾ ترقي جي عمل کي اڳتي وڌايو. پهرين وومين بئنڪ ۽ وومين پوليس اسٽيشنز قائم ڪيون ويون. بلاول ڀٽو زرداري چيو ته شهيد بينظير ڀٽو جي دور ۾ ليڊي هيلٿ ورڪرز پروگرام ۽ هارياڻين کي زمينون الاٽ ڪرڻ جهڙا قدم کنيا ويا. جڏهن ته آصف علي زرداري پنهنجي گذريل دور ۾ عورتن جي ڀلائي ۽ ترقي کي جاري رکيو. صدر آصف علي زرداري جي ذڪر ڪرڻ جوڳين خدمتن ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جهڙو انقلابي قدم آهي. آصف علي زرداري جو بينظير انڪم سپورٽ پروگرام پاڪستاني عورتن لاءِ تحفو آهي. عورتن جي حق ۾ قانون سازي ۽ ٻيا قدم به صدر زرداري جي پاڪستاني عورتن جي ڀلائي جي عزم جي عڪاسي آهن. بلاول ڀٽو زرداري چيو ته پ پ چيئرمين جي حيثيت سان عورتن کي بااختيار بڻائڻ، حقن ۽ ترقي لاءِ پنهنجي عزم کي ورجايان ٿو. اچو ته اڄ عورتن جي ڀلائي لاءِ کنيل قدمن تي خوشي جو اظهار ڪريون. اچو ته اڄ به انهن چئلينجن کي تسليم ڪريون جيڪي اسان جي سامهون آهن. اچو ته سڀ گڏجي وڌيڪ مضبوط ۽ برابري واري سماج ڏانهن پنهنجو سفر جاري رکون، اهڙو معاشرو جوڙيون جتي هر پاڪستاني عورت پنهنجي صلاحيتن کي ڪتب آڻيندي بااختيار هجي.

بقايا 05 ***

معاوضو ادا ڪيو ويندو. متاثرين کي پنهنجي گهرن ۾ آباد ڪرڻ تائين سک سان نه

عورتن جي عالمي ڏهاڙي جو جشن ۽ عورتن جي صحت

ڊاڪٽر نصرت نثار

عورتن جو عالمي ڏهاڙو سڄي دنيا ۾ عورتن جون ڪاميابيون ملهائڻ، صنفي برابري کي هٿي ڏيڻ ۽ عورتن جي حقن جي حمايت ڪرڻ جي ڏهاڙي طور ملهايو پيو وڃي. عورتن کي دنيا ۾ انتهائي اهم مقام حاصل آهي پنهنجي فطري صلاحيتن جي گهڻائيءَ جي ڪري عورت معاشري ۾ مختلف ڪردار ڪري ٿي. هڪ ئي وقت ۾ ماءُ، ڀيڻ، زال ۽ ڌيءُ جي ڪردار نڀائڻ سان گڏوگڏ عورت معاشري جي ترقي لاءِ مختلف شعبن ۾ اعليٰ ذميواريون پڻ سنڀالي ٿي ۽ معاشري جي ترقي ۾ مردن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي هلي ٿي.

پاڪستان جي آبادي جو تقريباً اڌ حصو عورتن تي مشتمل آهي انگن اکرن موجب جنوري 2024 ۾ پاڪستان جي ڪل آبادي 238.6 ملين آهي. جنهن ۾ عورتن جي شرح 49.4 آهي. ڪنهن به قوم يا ملڪ جي ترقي ۽ بقا جو دارومدار ان جي فردن جي ذهني ۽ جسماني صحت تي هوندو آهي. اڄوڪي ڏهاڙي جي مناسبت سان ضروري آهي ته پاڪستان جي اڌ آبادي يعني عورتن جي صحت بابت زميني حقيقتن جو جائزو وٺون ۽ انهن جي بهتري لاءِ اپائن تي غور ويچار ڪريون. صحت جي عالمي اداري موجب، صحت جي تعريف رڳو ڪنهن بيماري جي حوالي سان ئي نه، بلڪ ڪنهن فرد جو جسماني، ذهني ۽ توليدي طرح سان صحتمند هجڻ ۽ معاشري لاءِ ڪارائتو هئڻ آهي. عورت جي زندگي جا مختلف مرحلا ٿين ٿا. بلوغت کان وٺي ماءُ ٿيڻ ۽ ماءُ ٿيڻ کان وٺي سنياس تائين رسڻ دوران هن جي صحت کي مختلف قسمن جا لوڏا ۽ خطرا ڏسڻا پون ٿا. هيٺ عمر جي انهن مختلف مرحلن دوران پيش ايندڙ تبديلين ۽ انهن جي مسئلن بابت بيان ڪجي ٿو.

بلوغت جي عمر ۽ ان جا مسئلا:

پاڪستان ۾ ڇوڪرين جي بلوغت جي عام عمر 9 کان 14 سال آهي. عمر جي ان حصي ۾ ڇوڪرين جي جسم، ذهن ۽ مزاج ۾ واضح تبديليون ٿين ٿيون. اڪثر ڇوڪريون ان عرصي ۾ جسماني تبديلين جي ڪري ذهني مونجهارن ۽ جذباتي مشڪلاتن کي منهن ڏين ٿيون. جسم، ذهن ۽ جذبات جي سڀني تبديلين جو ڪارڻ دماغ ۽ بيضي داني مان خارج ٿيندڙ هارمونس/ رطوبتون ٿين ٿيون. جيڪي بلوغت جو بنياد وجهن ٿيون. توليدي نظام جي عضون جو بالغ ٿيڻ، ماهواري جو شروع ٿيڻ ۽ قدڪاٺ ۾ واضح تبديلي اچڻ هارمونس جي نظام جي ماتحت ٿئي ٿو. جيئن اهو سڄو مرحلو هڪ نارمل ۽ صحتمند تبديلي جو ثبوت آهي. ان ڪري ان مرحلي دوران رونما ٿيندڙ علامتون نارمل سمجهڻ گهرجن. اڪثر ڇوڪرين کي ماهواري جي شروع جا ڪجهه سال، ترن ۾ سور ۽ خون جو گهٽ يا زياده هلڻ، ماهواري ۾ بي قاعدگي ٿي سگهي ٿي. ان ڪري ڪا به دوا استعمال ڪرڻ کان پهريائين ماهر ڊاڪٽر سان مشورو وٺجي.

ڇوڪرين جي کاڌ خوراڪ جو انهن سالن ۾ گهڻو خيال رکڻ گهرجي. صحتمند ۽ غذا وارو کاڌو کارائجي. ماهواري دوران صفائي جو خاص خيال رکڻ گهرجي. ڇوڪرين کي بلوغت ۽ ان جي تبديلي جي آگاهي/علم ڏيڻ گهرجي ته جيئن هو عمر جي ان حصي ۾ داخل ٿيڻ کان پهرين ان کي قبول ڪن ۽ مثبت انداز ۾ انهن مسئلن کي منهن ڏئي سگهن. گهر ۾ موجود مائرن، ڀينرن ۽ وڏڙين کي گهرجي ته ڇوڪرين کي عمر جي ان حصي کي قبول ڪرڻ لاءِ ذهني طرح سان تيار ڪن. اسڪولن ۾ پروگرام ۽ نصاب ۾ بلوغت بابت معلومات شامل ڪرڻ سان شعور ۾ اضافو ٿيندو ۽ اسان جون ڇوڪريون زندگي جي ان مرحلي کي مثبت طريقي سان سمجهي ۽ منهن ڏئي سگهنديون.

توليدي صحت ۽ ان جا مسئلا:

توليدي صحت جي تشريح اها آهي ته عورت جي خانداني منصوبابندي جي طريقن جي استعمال ۾ اختيار، ٻارن جي وچ ۾ مناسب وقفي جو اختيار ۽ حمل ۽ ويم دوران صحت جي سار سنڀار جو فيصلو ڪرڻ. عورت جي زندگي جا 25 کان 30 سال توليدي صحت تي مشتمل ٿين ٿا. توليدي صحت جو هڪ اهم ستون ماءُ جي صحت آهي. پاڪستان جي ڪيترن ئي حصن ۾ عورتن جي توليدي صحت لاءِ سهولتون ناڪافي آهن ۽ جتي سهولتون موجود آهن، اتي عورتن کي اهو اختيار نه هوندو آهي ته اهي توليدي صحت جي سهولتن مان فائدو حاصل ڪري سگهن. جيئن ته پاڪستان هڪ ترقي پذير ملڪ آهي ۽ ماءُ جي صحت لاءِ سهولتون گهٽتيءَ جي حد تائين ڪمي جو شڪار آهن. اسان جي ملڪ ۾ حمل ۽ ويم جي دوران عورت جي مري وڃڻ جي شرح تمام گهڻي آهي. جيتوڻيڪ گذريل ڪجهه سالن جي اندر بهتر صحت جي سهولتن جي ڪري اها شرح ڪجهه گهٽ ٿي آهي پر پوءِ به اسان جو ملڪ ٻين گهٽ آمدني وارن ملڪن کان گهڻو پوئتي آهي.

عورتن جي حمل يا ويم جي دوران موت جو ڪاج ٿي وڃڻ جا گهڻا ئي سبب آهن. جن کان بچڻ مشڪل ضرور آهي پر ناممڪن نه آهي. تحقيق ثابت ڪيو آهي ته تعليم جي ڪمي، ننڍي عمر ۾ حمل ۽ ٻارن جي ڄم ۾ گهٽ وقفو، غريب ڏورانهن علائقن ۾ رهائش، صحت مرڪز تائين رسڻ ۾ دير، ويم جي دوران مناسب ڌيان نه ملڻ، اهي سڀ ڪارڻ آهن. جيڪي ماءُ جي مرڻ جو سبب بڻجن ٿا. ان کان علاوه حمل دوران بلڊپريشر وڌي وڃڻ، ويم دوران رت جو گهڻو وهڻ، چلي دوران بڪريز يا انفيڪشن ٿيڻ. پاڪستان جي عورتن ۾ حمل ۽ ويم جي دوران موت جا ڪجهه خاص ڪارڻ آهن. انهن سڀني ڪارڻن کان بچڻ لاءِ ضروري آهي ته انفرادي ۽ اجتماعي ڪوششون ورتيون وڃن. ننڍي عمر ۾ شادي ۽ حمل کي روڪيو وڃي، ٻارن جي وچ ۾ مناسب وقفي کي ترجيح ڏجي، وقفي جي دوائن ۽ طريقن کي هٿي ڏجي، غريب عورتن کي مفت ۽ مناسب علاج ميسر ڪيو وڃي، صحت جي مرڪزن ۽ صحت جي ماهرن تائين رسائي کي سولو ڪيو وڃي. ڪنهن به پيچيدگي جي صورت ۾ ترت فيصلو ۽ اعليٰ صحت مرڪز تائين رسائي ممڪن بڻائي وڃي، ماءُ جي صحت تي سيڙپڪاري ڪرڻ کان نه ڪيٻائجي، ڇو جو ماءُ جي حياتي ۽ صحت ئي ڪٽنب، برادري ۽ معاشري جي بقاءُ آهي.

غذا ۽ غذائيت جي ڪمي/زيادتي ۽ عورتن ۾ غير وچڙندڙ بيماريون:

غذا ۽ غذائيت ۾ توازن عورت جي صحت جي لاءِ عمر جي هر مرحلي ۾ انتهائي ضروري آهي. هڪ طرف غذا جي اضافي استعمال سان عورتن ۾ ٿولهه وڌي رهي آهي، ٻئي طرف غذا جي ڪمي پاڪستاني ڇوڪرين ۽ عورتن ۾ مختلف بيمارين جهڙوڪ خون جي ڪمي، جسم/ننڍي قد رهجي وڃڻ جو سبب ٿي سگهي ٿي. غير وچڙندڙ بيماريون جهڙوڪ دل جا مرض، ڊيابيٽس، بلڊپريشر ۽ ڪينسر جهڙا موذي مرض پاڪستان جي تمام گهڻي تعداد ۾ عورتن کي متاثر ڪري رهيا آهن. هلندڙ دور ۾ انهن بيمارين جي شرح تيزي سان وڌي رهي آهي غيرمعياري کاڌو، آسائش ۽ سهولت واري زندگي، ذهني دٻاءُ، تماڪ ڇڪڻ ۽ 'جنڪ فوڊ' جو وڌيڪ استعمال انهن جي وڌندڙ شرح جا ڪجهه ڪارڻ آهن انهن بيمارين جي ڪارڻن/سببن کان بچڻ لاءِ آگاهي، بروقت تشخيص ۽ علاج عورتن جي صحت سڌاري لاءِ اهم ثابت ٿي سگهي ٿو صحتمند کاڌو کائڻ، ورزش يا پنڌ ڪرڻ، بيچيني کان بچڻ تماڪ ڇڪڻ کان پرهيز ڪرڻ جي ڪوشش انهن بيمارين کان بچائڻ ۾ ڪارائتو ثابت ٿي سگهي ٿو.

ذهني صحت:

صحتمند ذهن ۽ صحتمند جسم هڪٻئي لاءِ لازم ملزوم آهن معاشري ۾ وڌندڙ اداسي، مايوسي، پريشاني، تشدد هر فرد کي متاثر ڪري رهيو آهي. اهي سڀئي ذهني مسئلا عورتن ۾ پڻ تيزي سان وڌي رهيا آهن. ذهني صحت لاءِ پاڪستان ۾ تمام گهڻا مسئلا موجود آهن. ذهني مرض کي عيب سمجهڻ، ذهني مرض لاءِ علاج جا مرڪز محدود هئڻ، طبي عملي ۽ ماهرن جي ڪوٽ جو هئڻ، سماج ۾ ذهني مرض جو شعور ۽ علم جي گهٽتائي، ذهني صحت جي حصول لاءِ رڪاوٽون آهن. انهن رڪاوٽن کي هٽائڻ لاءِ ضروري آهي ته ذهني مرض جي آگاهي لاءِ مختلف پروگرام جوڙيا وڃن. ذهني مرض کي جسماني مرض وانگر سمجهيو وڃي ۽ ان جي علاج لاءِ رسائي کي عيب نه سمجهڻ گهرجي. حڪومت کي گهرجي ته ذهني صحت جي مرڪزن جو تعداد وڌائي ۽ پرائمري هيلٿ ڪيئر مرڪز سان گڏ ذهني صحت جو مرڪز به قائم ڪري ته جيئن معاشرو ان کي مثبت انداز ۾ ڏسي. عورتن کي گهرجي ته ذهني صحت کي به اوترو ئي اوليت ۽ ترجيح ڏين. جيترو جسماني صحت کي ڏيڻ گهرجي.

سنياس (Menopause) دوران صحت:

سنياس عورت جي زندگي جو اهو حصو آهي. جنهن دوران بيضي داني مان خارج ٿيندڙ رطوبتون (هارمونس) گهٽجي وڃن ٿيون. پاڪستاني عورتن جي زنده رهڻ جي اندازن عمر 80 سال تائين آهي. ان ڪري عورتون تقريبن 30 سالن جي عمر بغير هارمونس جي گذارين ٿيون. جنهن جا جسماني ۽ ذهني صحت تي ڪافي هاڃيڪار اثر ٿي سگهن ٿا. سنياس ۾ عورتن ۾ گهڻو ڪري مزاج ۾ چڙ، هڏن جي ڪمزوري، دل جي بيماري، بلڊ پريشر، شوگر جي بيمار ۽ توليدي عضون جي ڪينسر ۾ مبتلا ٿيڻ جا امڪان ٿين ٿا. سنياس دوران جسماني ۽ ذهني تبديلي جي ڄاڻ ۾ گهٽتائي ۽ علاج جي سهولتن ۾ ڪمي انهن خطرن ۾ زيادتي جا سبب بڻجن ٿا. صحت جي ادارن کي گهرجي ته عورتن ۾ آگاهي، ڄاڻ ۽ علاج جي سهولتن کي بهتر ۽ موثر ڪن انفرادي طور تي هر عورت کي زندگي جي ان عرصي کي مثبت وٺڻ گهرجي، صحتمند غذا، ورزش ۽ مناسب علاج سان هاڃيڪار نتيجن کان بچاءُ ممڪن ٿي سگهي ٿو.

تحقيق ثابت ڪيو آهي ته جن معاشرن پنهنجي عورت کي علم ۽ اختيار ڏنو اهي دنيا جي گولي تي پنهنجي بقاءُ ۽ ترقي کي ثابت ڪري رهيا آهن. باشعور قومون عورتن تي سيڙپڪاري ڪرڻ کي اولين ترجيح سمجهنديون آهن. عورت جي صحت تي سيڙپڪاري انفرادي فائدي کان وڌيڪ خاندان، برادرين، سماج، معيشت ۽ قومن تي سڌي سيڙپڪاري آهي. عورت جي صحت ۽ معيار زندگي کي بهتر ڪرڻ لاءِ رڳو پئسي جي سيڙپڪاري نه پر روين ۽ ترجيحن جي سيڙپڪاري جي به ضرورت آهي.

عورتن جي صحت کي بهتر بنائڻ ۾ سيڙپڪاري نه رڳو عورتن جي معيار زندگي کي بهتر بڻائي ٿي، بلڪ انهن جي ڪم ڪرڻ جي صلاحيت ۽ قوت کي به وڌائي ٿي ۽ اها سماجي ڀلائي ۽ ترقي جو بنيادي حصو ٿي سگهي ٿي. عورت جو صحتمند جسم ۽ صحتمند ذهن بلوغت کان وٺي سنياس تائين ان صورت ۾ ئي ممڪن آهي ته عورت کي ترجيح، تعليم ۽ اختيار ڏنو وڃي. عورتن جي صحت جي حوالي سان ان ڄاڻ سان گڏ سڀني کي عورتن جو عالمي ڏهاڙو مبارڪ!

ويهنداسين. پاڪستان کي درپيش چئلينجن کي منهن ڏيڻ جي لاءِ اسان کي پنهنجي ذات کان مٿانهون ٿي اتحاد ۽ يڪجهتي سان اڳتي وڌڻو پوندو. وقت اچي ويو آهي ته معيشت جي حوالي سان وڏا فيصلا ڪيا وڃن جيڪي اشرافيه جي لاءِ بيشڪ سخت آهن پر ان جو فائدو عام ماڻهو کي پهچي. هن اها ڳالهه آزاد ڪشمير ۾ برسات ۽ برفباري جي متاثرين سان ملاقات ۽ ڳالهه ٻولهه ڪندي چئي. ان موقعي تي وزيراعظم محمد شهباز شريف برسات ۽ برفباري ۾ فوت ٿيندڙن جي پونئيرن کي ۾ امدادي چيڪ ورهايا. ان کان اڳ آزاد ڪشمير جي وزيراعظم چوڌري انوارالحق پاران وزيراعظم شهباز شريف کي تازين برساتن سان آزاد ڪشمير ۾ ٿيندڙ نقصانن تي بريفنگ ڏني وئي. کيس ٻڌايو ويو ته برفباري سان آزاد ڪشمير ۾ 8 ماڻهو فوت ٿيا. 88 گهر مڪمل طور تي تباهه ٿيا جڏهن ته 281 گهرن ۽ 26 دڪانن کي جزوي نقصان پهتو وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو ته قدرتي آفتن ۽ برساتن سان جاني نقصان جو ازالو انسان جي وس ۾ نه آهي اهو سڀ الله جي رضا آهي. اسان فوت ٿيندڙن جي مغفرت ۽ زخمين جي جلد صحتيابي لاءِ دعاڳو آهيون. آئون انهن جي خاندانن سان پوري قوم ۽ وفاقي حڪومت پاران تعزيت جو اظهار ۽ افسوس ڪرڻ آيو آهيان. هن چيو ته مصيبت جي هن گهڙيءَ ۾ اسان متاثرين سان گڏ بيٺل آهيون. هن آزاد ڪشمير جي وزيراعظم جي صلاحيتن کي ساراهيندي چيو ته ان سان گڏجي متاثرين کي پنهنجي گهرن ۾ آباد ڪرڻ تائين سک سان نه ويهنداسين. وزيراعظم چيو ته فوت ٿيندڙن جي پونئيرن ۾ وفاقي حڪومت پاران 20 لک رپيا في ڪس جا امدادي چيڪ ورهايا آهن. جيتوڻيڪ انساني جان جي ڪا قيمت نه آهي. جڏهن ته حڪومت جي ذميواري آهي ته فوت ٿيندڙن جي ٻار ٻچن جي ڪفالت ڪري ۽ اها متاثرين سان گڏ بيهي ۽ انهن جي هر ممڪن مدد ڪري. وزيراعظم چيو ته زخمين کي 5 لک رپين جي امداد ڏني ويندي. مڪمل تباهه ٿيل گهرن تي وفاق پاران 7 لک رپيا ۽ جزوي نقصان تي ساڍا ٽي لک رپيا في ڪس ڏنا ويندا. ان جي ورڇ هڪ منصفاڻي نظام تحت ٿيندي. اميد آهي ته آزاد ڪشمير جي حڪومت جو عملو موقعي تي وڃي جائزو وٺندو اين ڊي ايم اي آزاد ڪشمير جي حڪومت سان گڏجي يقيني بڻائيندو ته ڪنهن مستحق جو حق نه ماريو وڃي. ان سان گڏ متاثرين جي لاءِ آزاد ڪشمير جي حڪومت پنهنجي طور تي به امداد ڪري سگهي ٿي. شهباز شريف چيو ته 13 مارچ تائين متاثرين جي لاءِ اها امداد فراهم ڪئي ويندي. هن چيو ته آزاد ڪشمير هڪ جابلو ۽ ڏکئي علائقي تي ٻڌل خوبصورت علائقو آهي. آزاد ڪشمير جي وزيراعظم برفباري ۽ برساتن ۾ متاثرين جي فوري امداد جي لاءِ هيلي ڪاپٽر جو جائز مطالبو ڪيو آهي. ان جي لاءِ اين ڊي ايم اي فوري طور تي هيلي ڪاپٽر فراهم ڪندو. هن اين ڊي ايم اي جي چيئرمين کي هدايت ڪئي ته هو جلد اهو هيلي ڪاپٽر خريد ڪري جيڪو رڳو انهن علائقن جي لاءِ مخصوص هوندو. شهباز شريف چيو ته ڪشمير پاڪستان جي شهه رڳ آهي اهو ئي قائداعظم جو فرمان آهي. ڪشمير جا ماڻهو مشڪل جي هن گهڙيءَ ۾ پنهنجو پاڻ کي اڪيلو نه سمجهن. پنهنجي ڪشميري ڀائرن کي يقين ڏياريون ٿا ته جيڪي اعلان ڪيا آهن انهن جي مقرر تاريخ تي تڪميل ٿيندي ته جيئن پنهنجي گهرن جي تعمير ڪري سگهن. هن چيو ته آزاد ڪشمير جي وزيراعظم سان ترقياتي ڪمن تي پڻ خيالن جي ڏي وٺ ٿي. هن وقت سڄي ملڪ ۾ 2 ڪروڙ کان وڌيڪ ٻار اسڪول کان ٻاهر آهن. انهن جي لاءِ جدا انفراسٽرڪچر جي لاءِ تمام گهڻو وقت گهربل آهي. ان جي لاءِ متبادل نظام جي لاءِ صوبائي حڪومتن سانگ ڏجي حڪمت عملي جوڙينداسين. انهن ٻارن ۽ ٻارڙين جي تعليم جي لاءِ مسجدن ي پڻ مرڪز بڻائي سگهجي ٿو ان ڪانسواءِ روڊ انفراسٽرڪچر جيڪڏهن فعال نه هوندو ته چرپر، واپار ۽ ڪاروبار ۾ اضافو نه ٿي سگهندو. ان جي لاءِ سرمايو گهربل آهي. معاشي صورتحال جو ذڪر ڪندي هن چيو ته هن وقت پاڪستان جي اوڳاڙين جي مد ۾ آمدني جو ڪاٿو هلندڙ مالي سال 12 کرب رپيا آهي. وڏي مقدار ۾ ٽيڪس چوري جي ڪري اوڳاڙين جي پوري رقم قومي خزاني ۾ نه ٿي اچي. هن چيو ته رڳو پي آءِ اي جو نقصان 825 ارب رپيا آهي. هر سال سرڪاري ادارا ڪيترائي سئو ارب رپين جو نقصان ڪن ٿا. 5 سئو ارب رپين کان وڌيڪ جي بجلي چوري ٿئي ٿي، اها بجلي چوري عام ماڻهو نه ٿو ڪري اهو مشڪل سان پنهنجو بل ادا ڪري ٿو اهڙي پاڪستان جو خواب اسان جي وڏن نه سوچيو هو درپيش معاشي مسئلن سان گڏوگڏ هڪ مافيا پاڪستان جي معاشي پاڙن کي 76 سالن کان کائي رهي آهي. جيڪڏهن اسان وٽ وسيلا نه هوندا ته اسڪول، اسپتالون ڪيئن ٺهنديون. قدرتي آفتن کي ڪيئن منهن ڏينداسين. پنهنجي نوجوانن کي جديد تعليم جي زيور سان ليس ڪيئن ڪنداسين. انهن جي لاءِ نوڪرين جي لاءِ موقعا ڪيئن فراهم ڪنداسين. قوم کي اڄ اهي چئلينجز درپيش آهن هن چيو ته معيشت جي حوالي سان وڏا فيصلا ڪرڻ جو وقت اچي ويو آهي. اهي فيصلا اشرافيه جي لاءِ سخت هوندا پر ان جو فائدو عام ماڻهو کي پهچندو. ڪروڙين ماڻهن کي صحت، تعليم، روزگار جا موقعا ملندا ته جيئن نوجوان آءِ ٽي جا ايڪسپرٽ بڻجن ۽ اندرون ۽ ٻاهرئين ملڪ روزگار ڪمائي سگهن. پاڪستان جو نالو روشن ڪري سگهن. دنيا ۾ زنده رهڻ جو اهوئي رستو آهي. هن چيو ته دنيا ۾ تباهه حال قومن پنهنجي شڪست کي محنت ۾ بدلائي ڪاميابي حاصل ڪئي. پاڪستان کي زرخيز زمين سان نوازيو، معدنيات جي دولت ڏني. تار ملڪ ترقي ويڙن ۽ محنت جو ثمر هو. اسان کي به محنت ڪرڻي آهي. نفرت بدران محبت کي وڌائڻو آهي. اسان ذاتيات کان مٿانهون ۽ پسند ۽ ناپسند کي دفن ڪري پاڪستان جي عظيم تر مفاد جي لاءِ گڏ ٿيون ته يقين ڪريو 76 سالن جي نقصان جو نه رڳو ازالو ڪري سگهون ٿا پر ايندڙ سالن ۾ پاڪستان پنهنجو وڃايل مقام حاصل ڪري وٺندو دنيا عمل سان بدلجندي. اسان سڀني کي گڏجي پاڪستان جي مسئلن ۽ چئلينجن جو مقابلو ڪرڻو آهي. هن چيو ته جڏهن کان حلف کنيو آهي روزانو ملڪ جي معاشي صورتحال جي جائزي جي لاءِ لاڳاپيل ڌرين سان گڏجي ويهان ٿو وقت اچي ويو آهي ته اسان رچن ڪريون ته جيڪڏهن اسان کي پاڪستان ٺاهيندڙن جي روحن کي سڪون پهچائڻو آهي ۽ پاڪستان کي قرضن مان ڇوٽڪارو ڏيارڻو آهي ته ڏينهن رات محنت ڪرڻي آهي. دنيا ۾ ڪا شيءِ ناممڪن نه آهي. آزاد ڪشمير جي وزيراعظم ڪشميري عوام سان يڪجهتي جي اظهار تي وزيراعظم شهباز شريف جا ٿورا مڃيندي چيو ته پاڪستان جي حڪومت ۽ عوام سدائين ڪشمير جي عوام سان گڏ بيٺل رهيا. هن وزيراعظم کي ريسڪيو 1122 جي لاءِ هيلي ڪاپٽر جي فراهمي جي گذارش ڪئي ته جيئن برفباري يا رستن جي بندش جي صورتحال ۾ قيمتي جانين کي بچائي سگهجي. هن چيو ته وزيراعظم جي اچڻ ۽ يڪجهتي سان متاثرين ۽ آزاد ڪشمير جي حڪومت جي حوصلا افزائي ٿي آهي جنهن تي ان جا ٿورائتا آهيون. ان موقعي تي شهيدن جي مغفرت جي لاءِ دعا ڪرائي وئي. اين ڊي ايم اي جو چيئرمين جنرل انعام، قانونساز اسيمبلي جو اسپيڪر چوڌري لطيف اڪبر، مسلم ليگ (ن) آزاد ڪشمير جو صدر شاهه غلام قادر، قومي اسيمبلي ميمبر عطاءُ الله تارڙ، چيف سيڪريٽري، آءِ جي، آزاد ڪشمير ڪابينا جا ميمبر ۽ برساتن ۽ برفباري کان متاثر ماڻهن جو وڏو انگ موجود هو.

بقايا 06 ***

سينيٽ چيئرمين طور مدو پورو ٿي ويو. صادق سنجراڻي 12 مارچ 2018ع تي بلوچستان مان پهريون سينيٽ چيئرمين چونڊيو ويو صادق سنجراڻي کي مخالف پارٽين، پيپلز پارٽي، ايم ڪيو ايم، پي ٽي آءِ ۽ بلوچستان ۽ فاٽا مان آزاد حيثيت ۾ چونڊيل ميمبرن گڏجي ن ليگ چيئرمين راجا ظفرالحق جي مقابلي ۾ سينيٽ چيئرمين چونڊرايو صادق سنجراڻي اٺ فيبروري ٿيل عام چونڊن ۾ بلوچستان اسيمبلي جو ميمبر چونڊجي چڪو آهي.

بقايا 07 ***

ٻڌڻي لاءِ مقرر ڪري ڇڏي. لاهور هاءِ ڪورٽ جي رجسٽرار آفيس سني اتحاد ڪائونسل جي درخواست تي اعتراض واريا هئا ته درخواست گذار تصديقي دستاويز ناهن لڳايا انڪري سني اتحاد ڪائونسل جي درخواست ٻڌڻي جوڳي نه آهي. لاهور هاءِ ڪورٽ جي جسٽس عابد عزيز شيخ سني اتحاد ڪائونسل جي اعتراضي درخواست تي ٻڌڻي ڪئي هئي جنهن عدالت ٻڌڻي لاءِ مقرر ڪري ڇڏيو لاهور هاءِ ڪورٽ جو جسٽس محمد اقبال صاحبزادا حامد رضا جي درخواست تي ٻڌڻي ڪندو.

بقايا 08 ***

محسن نقوي پي سي بي چيئرمين جو عهدو پڻ برقرار رکندو. واضح رهي ته محسن نقوي موجودا حڪومت ٺهڻ کان اڳ پنجاب جي نگران وڏي وزير جي عهدي تي پڻ رهي چڪو آهي جڏهن ته هو هن وقت پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ ۾ چيئرمين طور ذميواريون انجام ڏئي رهيو هي.

بقايا 09 ***

ڪندي مريم نواز چيو ته چاهيان ٿي ته ٻين صوبن ۾ به عورتون وزيراعليٰ هجن. عورتن لاءِ ڪو هڪ ڏهاڙو مقرر ناهي هوندو، هر ڏينهن عورتن جو ڏينهن هوندو آهي. هر عورت سلام پيش ڪيان ٿي ۽ سندن قدر ڪيان ٿي. هن چيو ته عورتن کي هراسان سميت ڪوڙ سارا معاملا برداشت ڪرڻا پوندا آهن. پر ان باوجود عورتون زندگيءَ جي هر شعبي ۾ بهترين ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪري رهيون آهن مريم نواز چيو ته هن کي به هيسائڻ سميت ٻين معاملن رَڪ بڻايو آهي. عورتون زندگيءَ جي هر شعبي ۾ ڪارڪردگي ڏيکارڻ چاهين ٿيون ته ضرور ڏيکارين. عورتن کي هراسان ڪرڻ منهنجي ريڊ لائين آهي. سندس چوڻ هو ته عورتن جي تحفظ لاءِ سيفٽي ايپ تيار ڪئي وئي آهي. اسڪول، ڪاليج، يونيورسٽي جون شاگرديائيون ۽ ورڪنگ وومين کي اها ايپ استعمال ڪرڻ گهرجي. زيادتي ۽ تشدد ڪندڙ جوابدار پڪڙيا ويندا آهن پر عدالت مان ڪين رهائي ملي ويندي آهي.

بقايا 10 ***

عثمان به موجود هئي. صدر ڊاڪٽر عارف علوي کي هٿياربند فوج جي دستي گارڊ آف آنر پيش ڪيو اڄ صدر جي چونڊ بعد صدر ڊاڪٽر عارف علوي پنهنجي عهدي تان رٽائرڊ ٿي ويندو.

بقايا 11 ***

آهي. ايوان جو ڊسپلن هوندو هو. ايوان اندر علامتي احتجاج ته صحيح آهي پر قومي اسيمبلي ۾ جيڪرتي رهيو آهي ان سان سٺو پيغام نٿو وڃي. ايوان جو ٿورو خيال رکڻ گهرجي. اسحاق ڊار چيو ته 2013ع ۾ ملڪ ڏيوالي جو ويجهو هو ان ڪانپوءِ ن ليگ جي حڪومت آئي. ملڪ جي جي ڊي پي وڌي ۽ مهانگائي گهٽجڻ لڳي. اڳوڻي ناڻي واري وزير چيو ته پاڪستان کي دنيا جي 24 هين وڏي معيشت قرار ڏنو ويو. اڳڪٿي ڪئي وئي ته ملڪ جي 20 ۾ شامل ٿيڻ وارو آهي. پوءِ ملڪ کي ڪنهن جي نظر لڳي وئي. ڪنهن جي سازش هئي؟ مان ان سازش جو "پروجيڪٽ 2011" چوندو آهيان. سندس چوڻ هو ته مان نه چوندس ته ڪنهن غلط ڪم ڪيو آهي ته ان کي معاف ڪري ڇڏيو. پاڪستان خلاف سازش آهي ته ملڪ کي ڪمزور ڪيو وڃي. الله نه ڪري اهو ڏينهن اچي جڏهن ڪير پنهنجي شرطن تي اسان کي ڊڪٽيٽ ڪري. هن وڌيڪ چيو ته 13 جماعتن ملڪ کي ڏيوالي کان بچايو. هاڻي اسان مستحڪم آهيون. ملڪ کي اڳتي وٺي وڃڻ ۾ نه ڄاڻ ڪيترا سال لڳندا. پاڪستان جي ترقي لاءِ اسان کي گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو.

بقايا 12 ***

مسعود جي رٽائرمينٽ تي فل ڪورٽ ريفرنس کي خطاب ڪندي چيف جسٽس چيو ته اسان اهو ڪيس ٽن ججن تي ٻڌل بئنچ ٺاهي ٻڌڻ چاهيون پيا پر جسٽس اعجاز الاحسن ويهڻ کان انڪار ڪيو ان ڪانپوءِ ٻئي سينيئر جج کي گڏ ويهاريو ۽ رات 12 وڳي فيصلو ٻڌايو هن چيو ته آئين نه ٿئي ها ته صدر ۽ اليڪشن ڪميشن جي ڏنل تاريخ تي اليڪشن ڊي ريل ٿي پئي سگهي. چيف جسٽس چيو ته جسٽس طارق مسعود لاهور هاءِ ڪورٽ جو چيف جسٽس بڻجڻ جو حقدار هو ۽ کيس چيف جسٽس نه بڻائي صوبي جو نقصان ٿيو پر ان فائدو سپريم ڪورٽ کي ٿيو جو هو سپريم ڪورٽ اچي ويو هن چيو ته فوجي عدالتن ۾ انٽرا ڪورٽ اپيلن ۾ جسٽس سردار طارق مسعود تي غير ضروري اعتراض ڪيو ويو. جسٽس سردار طارق مسعود فوجي عدالتن واري معاملي تي پنهنجي نوٽ ۾ ڪائي راءِ نه ڏني هئي ۽ جسٽس سردار طارق مسعود اعتراض ٿيڻ تي بئنچ ۾ ويهڻ کان انڪار ڪيو چيف جسٽس جو چوڻ هو ته سپريم ڪورٽ ۾ ججن جي خالي جاين جو احساس آهي. ججن جي مقرري بابت رولز ۽ ترميمن تي غور ٿي رهيو آهي ۽ وقت اچي ويو آهي ته ججن جي مقرري جوڊيشل ڪميشن جو الڳ سيڪريٽريٽ هئڻ گهرجي. هن وڌيڪ چيو ته جسٽس سردار طارق چوندو هو ته چاليهه کان پنجاهه ڪيس سندس عدالت ۾ لڳائي ڇڏيو ۽ سندس عدالت وڌيڪ فيصلا ٻڌائڻ لاءِ مشهور آهي. جسٽس سردار طارق مسعود پريڪٽس پروسيجر ڪميٽي ۾ انتهائي اهم ڪردار ادا ڪيو

بقايا 13 ***

ڏينهن قسم کنيون هو سنڌ هاءِ ڪورٽ اڄ سنڌ اسيمبليءَ ۾ سني اتحاد ڪائونسل کي مخصوص سيٽون نه ڏيڻ واري ڪيس جو لکت ۾ حڪم نامو جاري ڪري ڇڏيو حڪم نامي ۾ چيو ويو آهي ته صدارتي چونڊن ۾ عدالت سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبرن طرفان پنهنجي پسنديدا اميدوار جي حق ۾ ووٽ ڪاسٽ ڪرڻ واري عمل ۾ مداخلت نٿي ڪرڻ چاهي. پر تيستائين صوبائي اسيمبلي جي ٽن ووٽن کي فيصلائتو نه سمجهيو وڃي جيستائين درخواست تي حتمي فيصلو نٿو اچي. ايڊووڪيٽ جنرل سنڌ طرفان درخواست ٻڌڻي جوڳي هجڻ تي اعتراض واريو ويو آهي. ٻئي پاسي سنڌ حڪومت جو موقف آهي ته سنڌ اسيمبلي جي ٽنهي ميمبرن ست مارچ تي قسم کڻي ورتو آهي انڪري درخواست غيراثرائتي ٿي چڪي آهي. عدالت اليڪشن ڪميشن، ايم ڪيو ايم، پيپلز پارٽي کان 28 مارچ تي جواب طلب ڪري ورتو آهي. هوڏانهن لاهور هاءِ ڪورٽ سني اتحاد ڪائونسل کي مخصوص سيٽون نه ملڻ خلاف درخواست تي لاڳاپيل ڌرين کي نوٽيس جاري ڪندي جواب طلب ڪري ورتو آهي. وڌيڪ ٻڌڻي 13 مارچ تائين ملتوي ڪئي وئي آهي.

بقايا 14 ***

وزيرستان ۾ سيڪيورٽي فورسز ۽ دهشتگردن ۾ فائرنگ جي ڏي وٺ ٿي جنهن ۾ چار دهشتگرد مارجي ويا. آءِ ايس پي آر جو چوڻ آهي ته مارجي ويل دهشتگردن جي قبضي مان هٿيار، بارودي مواد هٿ ڪيو ويو آهي. دهشتگرد علائقي ۾ دهشتگردي ۽ ٻين وارداتن ۾ ملوث هئا. آءِ ايس پي آر موجب، ٻين دهشتگردن جي خاتمي لاءِ علائقي ۾ ڪليئرنس آپريشن جاري آهي.

بقايا 15 ***

نظرثاني درخواست جي ٻڌڻي ٿي جنهن دوران ايف آءِ اي پراسيڪيوٽر سيشن عدالت ۾ چيو ته پيڪا ايڪٽ موجب 30 ڏينهن جو جسماني رمانڊ وٺي سگهجي ٿو، اسد طور جو وڌيڪ جسماني رمانڊ گهربل آهي. سيشن عدالت جي جج طاهر عباس سپرا سوال ڪيو ته ڇا جڊيشل مئجسٽريٽ اسد طور جو جسماني رمانڊ ڏنو آهي، ان تي ايف آءِ اي پراسيڪيوٽر جواب ڏنو ته جڊيشل مئجسٽريٽ جوابدار کي پهريان اوهان جي عدالت ۾ پيش ڪرڻ جو چيو جج چيو ته جڊيشل مئجسٽريٽ کي چئو ته پنهنجي مائنڊ سان آرڊر ڪري. مان نظرثاني درخواست بابت پنهنجي حساب سان فيصلو ڪندس. جج طاهر عباس اسد طور جي نظرثاني درخواست تي فيصلو محفوظ ڪري ورتو ٻئي پاسي جڊيشل مئجسٽريٽ شبير ڀٽي جي عدالت ۾ ٻڌڻي دوران ايف آءِ اي پراسيڪيوٽر چيو ته اسد طور وٽان اليڪٽرانڪ ڊيوائسز هٿ ڪرڻيون آهن. جوابدار جو وڌيڪ چار ڏينهن جو رمانڊ گهرجي. سيشن عدالت چيو آهي ته اوهان جسماني رمانڊ تي فيصلو ڪيو جڊيشل مئجسٽريٽ ايف آءِ اي جي جسماني رمانڊ جي استدعا رد ڪندي اسد طور کي جڊيشل رمانڊ تي جيل موڪلي ڇڏيو ۽ کين 22 مارچ تي عدالت ۾ پيش ڪرڻ جي هدايت ڪئي.

بقايا 16 ***

ذريعن موجب، خالد مقبول صديقي بلاول کي اختيار وڌيڪ هيٺين سطح تي منتقلي لاءِ قائل ڪري ورتو آهي. ذريعن جو چوڻ آهي ته بلاول ڀٽو زرداري ايم ڪيو ايم پاڪستان جي وفد کي خاطري ڪرائي آهي ته هو پارٽي جي آڏو اختيارن جي وڌيڪ هيٺين سطح تائين منتقلي وارو معاملو رکندو. ذريعن موجب، بلاول ۽ ايم ڪيو ايم اڳواڻن سان ڪي فور سميت ڪراچي لاءِ وڏين رٿائن بابت پنهنجي ڪاوشن جو ذڪر پڻ ڪيو ياد رهي ته گذريل ڏينهن ايم ڪيو ايم پاڪستان صدارتي چونڊن ۾ آصف علي زرداري کي ووٽ ڏيڻ جو اعلان ڪيو هو.

بقايا 17 ***

حد ۾ هٿياربند فائرنگ ڪري ناري کي قتل ۽ سندس ڀاءُ آڪاش کي زخمي ڪرڻ بعد پاڻ به آپگهات ڪري ڇڏيو هو فائرنگ ۾ زخمي ٿيل آڪاش جي حالت گنڀير ٿي وئي آهي. صحت ۾ سڌارو نه اچڻ سبب اڄ سي ايم ايڇ ۾ منتقل ڪيو ويو آهي. اسپتال ذريعن جو چوڻ آهي ته نوجوان آڪاش کي دماغ جي نازڪ حصي ۾ گولي لڳل آهي جنهن جو آپريشن به نٿو ٿي سگهي. هوڏانهن واقعي اڃان تائين ڳجهارت بڻيل آهي. پوليس ڪيس ۾ ڪا به اڳڀرائي نه ڪري سگهي آهي.

بقايا 18 ***

مقصد شهرين جي فائدي لاءِ پائيدار ۽ گڏيل ترقي آهي، سندن مقصد مضبوط پاليسين جي نفاذ جي حمايت ڪرڻ آهي. واضح رهي ته پي ٽي آءِ باني عمران خان ڪجهه ڏينهن اڳ آءِ ايم ايف کي خط لکيو هو جنهن جي تصديق هن پاڻ ڪئي هئي.

بقايا 19 ***

ڪوڪر ۽ نسيم زال يار محمد ڪوڪر مارجي ويون آهن. اهڙي اطلاع تي پوليس پهچي نارين جا لاش اسپتال منتقل ڪري ڇڏيا. پوسٽ مارٽم بعد نارين جا مڙهه وارثن حوالي ڪيا ويا. علائقي ۾ ڏهڪاءُ پکڙجي ويو پوليس موجب واقعو ڪوڪر برادري جي ٻن ڌرين ۾ هلندڙ پراڻي تڪرار تان پيش آيو. وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي.

بقايا 20 ***

چار ڪلو منشيات هٿ ڪري ورتي آهي. اي ايس ايف اختيارين موجب، هڪ مسافر پشاور کان شارجا وڃي رهيو هو سندس سامان جي تلاشي دوران عملي هڪ ٿيلهي کي شڪي قرار ڏنو ۽ چڪاس دوران ٿيلهي جي هيٺان انتهائي مهارت سان لڪايل آئس هيروئن هٿ آئي. اي ايس ايف موجب، ڪارروائي دوران 3.90 ڪلو آئس هيروئن جي شارجا اسمگلنگ کي ناڪام بڻايو ويو ۽ جوابدار کي شروعاتي جاچ ڪانپوءِ هٿ آيل منشيات سميت وڌيڪ قانوني ڪارروائي لاءِ اي اين ايف جي حوالي ڪيو ويو آهي.

بقايا 21 ***

ڪان پاسو ڪريو ۽ پينو فقيرن جي حوصلا شڪني ڪريو. دبئي پوليس جو چوڻ آهي ته پينو فقيرن تي 5 هزار درهم ڏنڊ لڳندو ۽ کين 3 مهينا جيل جي به سزا ڀوڳڻي پوندي. اماراتي قانونن موجب پينوفقيرن جي گينگ هلائڻ تي 1 لک درهم ڏنڊ لڳندو ۽ پينوفقيرن کي پرڏيهه کان پرتي ڪرڻ تي 6 مهينا جيل جي به سزا ڏيندي. دبئي پوليس عوام کي درخواست ڪئي آهي ته آن لائين پينوفقيرن کان به هوشيار رهن ۽ پينو فقيرن جي اطلاع لاءِ ٽول فري نمبر تي فراهم ڪيو ويو آهي.

بقايا 22 ***

تي مهانگائي جي شرح 32.39 سيڪڙو تي وڃي آهي. رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته هڪ هفتي ۾ 14 شين جي اگهن ۾ واڌ ٿي، بصر 60 رپيا 28 پئسا واڌ سان 238 رپيا 30 پيسا في ڪلو ٿي ويا جڏهن ته هڪ هفتي ۾ ٽماٽا 13 رپيا 36 پئسا في ڪلو مهانگا ٿيا آهن. اهڙيءَ طرح ڪيلا 10 رپيا 22 پئسا في درجن، بيضا 6 رپيا 71 پئسا في درجن، بيف 11 رپيا 76 پئسا في ڪلو جڏهن ته مٽن 8 رپيا 83 پئسا في ڪلو مهانگو ٿيو. ڳڻپ واري کاتي موجب هڪ هفتي ۾ 14 شيون سستيون ٿيون. برائلر ڪڪڙ 31 رپيا 3 پئسا في ڪلو جڏهن ته چانهه جو 190 گرام وارو پاڪيٽ 7 رپيا 13 پئسا سستو ٿيو اهڙيءَ طرح ٿوم 2 رپيا 33 پئسا في ڪلو، اڍائي ڪلو جي گيهه جو ڊبو 2 رپيا 49 پئسا سستو ٿيو جڏهن ته چڻن جي دال، باسمتي چانور، اٽو ۽ ڪڻڪ سستي ٿي، هاڻوڪي هفتي 23 ضروري شين جي قيمتن ۾ استحڪام رهيو.

بقايا 23 ***

آهي. موسميات کاتي موجب، اولهندي هوائن جو سلسلو نو مارچ تي بلوچستان ۾ داخل ٿيندو، اهو سلسلو ٻارنهن مارچ تائين ملڪ جي اترين علائقن کي پنهنجي گهيري ۾ آڻيندو جڏهن ته اولهندي هوائن جو هڪ ٻيو سلسلو ٻارنهن مارچ تي ملڪ ۾ داخل ٿيندو موسميات کاتي جو چوڻ آهي ته اولهندي هوائن جي ان سلسلي سبب بلوچستان ۾ 9 کان 13 مارچ تائين برسات ۽ جابلن تي برفباري جو امڪان آهي جڏهن ته اسلام آباد، راولپنڊي، اٽڪ، چڪوال، مري ۽ گليات ۾ 11 کان 14 مارچ تائين برسات جو امڪان آهي. برسات سبب گوادر، تربت، پنجگور ۾ نين ۽ نالين ۾ چاڙهه جڏهن ته 13 ۽ 14 مارچ تي مري، گليات، ناران، ڪاغان ۽ چترال ۾ برفباري سبب روڊ بند ٿيڻ جو خدشو آهي. موسميات کاتي موجب، گلگت بلتستان ۽ ڪشمير ۾ 11 کان 15 مارچ دوران برسات ۽ جابلن تي برفباري جو امڪان آهي. جڏهن ته ڪي پي ۾ 10 کان 14 مارچ دوران برسات ۽ جابلو علائقن ۾ برفباري ٿيندي، صوبي ۾ 13 ۽ 14 مارچ تي ڪجهه هنڌن تي تيز برسات ۽ ڳڙي جو به امڪان آهي موسميات کاتي جو چوڻ آهي ته 13 ۽ 14 مارچ تي دير، سوات، هنزا، اسڪردو ۽ باغ ۾ به برفباري سبب روڊ بند ٿيڻ جو خدشو آهي. ملڪ جي اترين علائقن کي پي، مري، گليات، ڪشمير ۽ گلگت بلتستان ۾ لينڊ سلائيڊنگ جو به خدشو آهي. موسميات کاتي سمورن ادارن کي الرٽ رهڻ جي هدايت ڪئي آهي.

بقايا 24 ***

شامل ناهن. لاهور ۾ پي سي بي چيئرمين جي صدارت هيٺ اجلاس ٿيو جنهن ۾ نيسپاڪ جي عملدارن اسٽيڊيمز جي اپ گريڊيشن بابت بريفنگ ڏني. پي سي بي چيئرمين محسن نقوي اسٽيڊيمز جي اپ گريڊيشن جو پلان طلب ڪري ورتو آهي جنهن موجب، قذافي اسٽيڊيم لاهور، نيشنل اسٽيڊيم ڪراچي ۽ راولپنڊي ڪرڪيٽ اسٽيڊيم کي اپ گريڊ ڪيو ويندو. محسن نقوي جو چوڻ آهي ته چيمپيئنز ٽرافي کان پهريان ٽن اسٽيڊيمز جي اپ گريڊيشن مڪمل ڪئي ويندي. سندس چوڻ هو ته اسٽيڊيمز ۾ تماشائين جي سهولتن کي بهتر بڻايو ويندو، ضرورت موجب اسٽيڊيم ۾ سيٽون وڌايون وينديون. واضح رهي ته پاڪستان کي ايندڙ سال آءِ سي سي چيمپيئنز ٽرافي جي ميزباني ڪرڻي آهي.

بقايا 25 ***

تي وڌيڪ فوجين جي مقرري سان خطي ۾ ڇڪتاڻ گهٽجڻ بدران وڌي ويندي. چيني ترجمان چيو ته سرحدي علائقن جي امن ۽ استحڪام جي تحفظ لاءِ ڀارت سان گڏجي ڪم ڪرڻ لاءِ پرعزم آهيون پر اسان سمجهون ٿا ته ڀارت جو طرز عمل ڇڪتاڻ گهٽائڻ لاءِ سازگار نه آهي. چين جي پرڏيهي ترجمان چيو ته سرحدي علائقن ۾ ڀارتي فوجين جي مقرري ۾ اضافو حالتن ۾ پرسڪون رکڻ يا انهن علائقن ۾ امن ۽ سلامتي کي برقرار رکڻ جي ڪوششن کي سبوتاژ ڪري ڇڏيندو.

بقايا 26 ***

جي 3 مخصوص سيٽن تي چونڊيل ميمبرز کي حلف کڻايو اپوزيشن جو سخت احتجاج، گوڙ ۽ نعريبازي ڪئي وئي، سني اتحاد ڪائونسل ۾ شامل پي ٽي آءِ جي حمايت يافته ميمبرز پاران اسپيڪر جي ڊائيس جو گهيراءُ ڪيو ويو. اپوزيشن اڳواڻ راڻا آفتاب چيو ته مخصوص سيٽن وارو ڪيس عدالت ۾ هئڻ سبب پنجاب حڪومت اُٻهرائي ۾ ميمبرن کي حلف کڻايو. سني اتحاد ڪائونسل جون سيٽون ٻين جماعتن ۾ ورهائڻ ۽ انهن ميمبرز کي حلف کڻائڻ وڏي ناانصافي آهي. اسپيڪر چيو ته سڀاڻي صدارتي چونڊون آهن. سو چيو ته جمعي نماز کان اڳ اجلاس سڏايو وڃي.

بقايا 27 ***

بئنڪ بورڊ جو ميمبر چونڊجي ويو سينيٽر فيصل سليم آءِ ايم ايف ۽ ورلڊ بئنڪ جي پارليامينٽري بورڊ جو ميمبر چونڊجي ويو سڄي دنيا جا 140 ملڪ پارليامينٽري نيٽورڪ آن آءِ ايم ايف ۽ ورلڊ بئنڪ جا ميمبر آهن. پارليامينٽري نيٽورڪ غربت جي خاتمي ۽ معاشي استحڪام بابت سڌارن جون سفارشون تيار ڪندو آهي خيبرپختونخواهه سان واسطو رکندڙ سينيٽر فيصل سليم مارچ 2021ع ۾ سينيٽ جو ميمبر بڻيو هو ۽ سندس مدو مارچ 2027ع تي ختم ٿيندو.

بقايا 28 ***

جسٽس لاهور هاءِ ڪورٽ ملڪ شهزاد احمد کان حلف ورتو تقريب ۾ پنجاب جي وڏي وزير مريم نواز، پنجاب اسيمبلي جي اسپيڪر ملڪ محمد احمد خان شرڪت ڪئي ان کان علاوه جسٽس عاليه نيلم، جسٽس شاهد ڪريم، جسٽس شاهد بلال، جسٽس فاروق حيدر به حلف برداري تقريب ۾ شرڪت ڪئي تقريب ۾ جسٽس شهباز رضوي، جسٽس علي باقر نجفي، ڊپٽي اٽارني جنرل رفاقت ڏوگر ۽ سينيئر وڪيلن پڻ شرڪت ڪئي. لاهور هاءِ ڪورٽ جو نئون چيف جسٽس عهدي جو حلف کڻڻ بعد گورنر هائوس کان سپريم ڪورٽ پهچي ويو آهي. لاهور هاءِ

ٺٽون ڪوٽ ۾ آبادگار جو ڀاڻ ڊيلر خلاف احتجاجي مظاهرو، غيرمعياري ڀاڻ وڪرو ڪرڻ جو الزام

گذريل مرچ فصل جي سيزن ۾ مون ٺٽون ڪوٽ جي ڀاڻ ڊيلر جمن بليدي کان ٻج ڀاڻ خريد ڪيو: آبادگار

غيرمعياري ٻج جي حوالي سان شڪايت ڪئي ته هن خرچ پوري ڏيڻ جي خاطري ڪرائي دلاسا ڏيندو رهيو

ٺٽون ڪوٽ (رپورٽر) ٺٽون ڪوٽ ۾ آبادگار جو ڀاڻ ڊيلر خلاف احتجاج. غيرمعياري ڀاڻ وڪرو ڪرڻ جو الزام. ٺٽون ڪوٽ پريس ڪلب آڏو چانڊيو رهواسي لڪاڏنو چانڊيو احتجاج ڪندي چيو ته گذريل مرچ فصل جي سيزن ۾ مون ٺٽون ڪوٽ جي ڀاڻ ڊيلر جمن بليدي کان ٻج ڀاڻ خريد ڪيو. جنهن ۾ ڀاڻ غيرمعياري هئڻ ڪري پوکيل فصل سڙي تباهه ٿي ويو جنهن جي ڪري زمين تي ڪيل سمورو خرچ ڳچي ۾ پئجي ويو آهي جنهن جي ڪري اسان کي لکين رپين جو نقصان ٿيو آهي ٻج ڀاڻ وڪرو ڪندڙ ڊيلر کي غيرمعياري ٻج جي حوالي سان شڪايت ڪئي ته هن خرچ پوري ڏيڻ جي خاطري ڪرائي دلاسا ڏيندو رهيو هاڻي ڊيلر ازالو ڪرڻ بجاءِ اسان تي ڏمرجي ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي. هن محڪمه زراعت سنڌ کان مطالبو ڪيو آهي ته غيرمعياري زرعي ٻج ڀاڻ جي ڪاروبار ۾ ملوث ماڻهن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ جعلي دوائون ٻج ۽ ڀاڻ فروخت ڪندڙ ڪمپنين جي مالڪن ۽ ڊيلرن سميت سيلز مين کي فورن گرفتار ڪري هتان جي زراعت تباهه ٿيڻ کان بچائي وڃي. هوڏانهن الزام هيٺ آيل ڀاڻ ڊيلر جمن بليدي صحافين کي ٻڌايو ته احتجاج ڪندڙ شخص ڏانهن ڀاڻ جا پيسا رهيل آهن جنهن کان گهرڻ تي ڏمرجي مون تي الزام لڳائي رهيو آهي هن چيو ته جيڪو پاڻ ڏيکاري مون تي الزام هنيا آهن اهو منهن

***

محرابپور جي جان مجاهد ساميٽيو جي 40 هين سالگرهه، سنڌ صحافي سنگت جا اڳواڻ شريڪ

سنڌ جو مرڪزي وائيس چيئرمين بجل هنگورو نوشهروفيروز جو سينئر صحافي ظفر تگڙ ۽ ٻيا شريڪ ٿيا

ظفر گهانگهرو، علي شير سومرو، توقير آرائين سجاد آرائين فقير دريا خان سومراهه اڪبر خواجا حفيظ شريڪ ٿيا

محرابپور (رپورٽر مجاهد علي ساميٽيو) ميڊيا هائوس محرابپور جي جان مجاهد ساميٽيو جي 40 هين سالگرهه ميڊيا هائوس محرابپور ۾ ملهائي پئي وڃي سالگرهه تقريب ۾ سنڌ صحافي سنگت سنڌ جو مرڪزي وائيس چيئرمين بجل هنگورو نوشهروفيروز جو سينئر صحافي ظفر تگڙ، فقير اخلاق جوکيو، سرفراز قريشي شهزاد مغل، ظفر گهانگهرو، علي شير سومرو، توقير آرائين سجاد آرائين فقير دريا خان سومراهه اڪبر خواجا حفيظ پيرزادو، سرفراز نوناري سنڌي ادبي سنگت سنڌ جو اڳوڻو مرڪزي اڳواڻ پروفيسر جبار ملاح پروفيسر عبدالسميع پنهيور، پ پ اڳواڻ عامر ٻگا مغل ڊگري ڪاليج محرابپور جو سپرينٽينڊنٽ ارباب سومرو، سينئر صحافي عظيم نوناري، محرابپور جو سماجي ٻگو چانڊيو وسيم مغل نعيم مغل اسامه مغل غلام مصطفا مغل امير سومرو سيد علي رضا شاهه ۽ ٻين جي شرڪت ان موقعي تي خطاب ڪندي صحافي بجل هنگورو چيو ته مجاهد ساميٽيو هڪ سچو کرو ۽ بهادر صحافي آهي جنهن هميشه پنهنجي قلم جي نوڪ سان سچ لکيو آهي هن وڌيڪ چيو ته اڄ مجاهد جي سالگرهه جي موقعي تي کيس مبارڪباد پيش ڪريون ٿا اميد ته سندس ايندڙ بهارون به خوشين جا خزانا کڻي اينديون آخر ۾ راڳ جي محفل پڻ ٿي گذري جنهن ۾ سنڌ جي نالي وارن صوفي فنڪارن برڪت سمون فقير عظيم نوناري ۽ ٻين صوفي راڳ ڳائي محفل کي جهومائي ڇڏيو

عورت جي حيثيت کي سمجهڻ لاءِ عزت ۽ مرتبي کي سمجهڻ گهرجي: رضيه دانش

برڪت وارو آهي اهو شخص جنهن پهريون ڀيرو بهادريءَ سان فرعون کي منهن ڏنو: وڪيل اڳواڻ

غيرت جي نالي تي عورتن جو قتل، تشدد ۽ جبر جاري آهي، حقن کان محروم ڪيو پيو وڃي: ڳالهيون

محرابپور (رپورٽر) مجاهد علي ساميٽيو عورتن جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي ايڊووڪيٽ سپريم ڪورٽ رضيه دانش چيو ته عورت جي حيثيت کي سمجهڻ لاءِ ضروري آهي ته ان عزت ۽ مرتبي کي سمجهڻ گهرجي، جن سان رب پاڪ عورتن کي نوازيو آهي. برڪت وارو آهي اهو شخص جنهن پهريون ڀيرو بهادريءَ سان فرعون کي منهن ڏنو جيڪو دعويٰ ڪري ٿو ته سڀ کان وڏيڪ ظالم ۽ جابر خدا آهي. انداز ۾ ٻيلي، هوءَ عورت هئي. جنهن مڪي ۽ ڪعبي کي سڀ کان پهرين آباد ڪيس اهي زمزم روءِ زمين تي سڀ کان پهريائين زمزم پيئندڙ سڀ کان پهريائين ڪو مرد نه پر عورت هئي، اهو اعزاز به هڪڙي عورت کي ڏنو ويو، جن کي خبر ناهي ته زمزم جي علاج ۾ عورتن جو وڏو ڪردار آهي. جنگ جي ميدان ۾ زخمي، ۾ عالمي دور ۾ رهڻ افسوس جوڳو آهي. غيرت جي نالي تي عورتن جو قتل، تشدد ۽ جبر جاري آهي. عورتن کي سندن حقن کان محروم ڪيو پيو وڃي اهو سلسلو جاري آهي. وراثت ۾ شادي نه ڪرڻ سبب هزارين ڇوڪريون پوڙهيون ٿي چڪيون آهن. جڏهن ته اسلام ۾ عورتن کي خاص مقام حاصل آهي. اهو سچ آهي ته عالمي دور ۾ به ماڻهو عورتن جي مقام کان غافل آهن. جيڪي غيرت جي نالي تي بنا ڪنهن سبب جي قتل ڪن ٿا. سي سزا کان بچي وڃن ٿا. جيڪڏهن قرآن ۽ شريعت جي روشني جيڪڏهن مان ڏسان قرآن پاڪ ۾ فرمايو ويو آهي ته جنهن جو مسئلو الله تعاليٰ وٽ آهي

عورتن جي عالمي ڏهاڙي جي حوالي سان ڪرن طرفان ميمڻ ڳوٺ ۾ تقريب منعقد

تقريب ۾ سياسي سماجي اڳواڻن ۽ شهرين سميت عورتن جي وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

سليم جي ميمڻ، ڊاڪٽر مولا بخش عباسي، امير بخش خاصخيلي، جميلا ميمڻ، اسلم ميمڻ شريڪ

ملير (ڊ ـ ر) عورتن جي عالمي ڏهاڙي جي حوالي سان ڪرن طرفان ميمڻ ڳوٺ ۾ تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ سياسي سماجي اڳواڻن ۽ شهرين سميت عورتن جي وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي هيئنڊز جي اڳواڻ خليل وائيلو ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر 2 بشير ميمڻ، ڪرڻ جي جنرل سيڪريٽري سليم جي ميمڻ، ڊاڪٽر مولا بخش عباسي، امير بخش خاصخيلي، جميلا ميمڻ، اسلم ميمڻ ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته عورتن جي عالمي ڏهاڙي تي دنيا جي سڌريل ۽ ترقي ڪيل ملڪن ۾ عورتن کي مردن برابر حق حاصل آهن پر ٽي دنيا جي غريب ملڪن جن ۾ پاڪستان به شامل آهي جتي اڄ به عورتون بنيادي انساني حقن کان محروم آهن هنن چيو ته اهو ثابت ٿي چڪو آهي ته جنهن ملڪ ۽ قوم جي ترقي ۾ عورتن جو سگهارو ڪردار نه هوندو آهي اهي رڳو ترقي نه ڪري سگهنديون آهن پر غربت، جهالت ۾ ڦاسي تباهي ڏانهن وڌي رهيون آهن هنن چيو ته 1908 ۾ جڏهن پهريون ڀيرو آمريڪا اندر 15 هزار کان وڌيڪ عورتن مارچ ڪري مزدوري جي وقت ۾ گهٽتائي اجوري ۾ واڌ ۽ بنيادي سهولتن جي حاصلات لاءِ گهر ڪئي هئي تڏهن سڄي دنيا عورتن جي طاقت ۽ حقن کي تسليم ڪيو جنهن بعد پورهيو ڪندڙ عورتن جي عالمي ڪانفرنس ۾ 17 ملڪن جي 100 کان وڌيڪ عورتن جي شرڪت ۾ عورتن جو عالمي ڏينهن ملهائڻ تي اتفاق ڪيو ويو ۽ آخرڪار 1975 ۾ سڄي دنيا ۾ عورتن جي عالمي ڏينهن کي تسليم ڪيو. هنن چيو ملير سميت سڄي سنڌ جي عورت مظلوم ۽ ظلم جي چڪي پيڙهجي رهي آهي باشعور ماڻهن ۽ سياسي سماجي تنظيمن کي اڳتي اچي عورتن جي حقن کي نه رڳو مڃڻو پوندو پر عورتن جي عزت ۽ تحفظ لاءِ اپاءُ پڻ وٺڻا پوندا. ان موقعي تي صحافت، سماجي ڪم، تعليم صحت جي ميدان ۾ نمايان ڪردار ادا ڪندڙ شخصين کي مڃتا ايوارڊ ڏنا ويا

***

ٽنڊو محمد خان ۾ سوئي سدرن گيس ڪمپني پاران گهريلو صارفين کي ڳاٽي ٽوڙ بل جاري

معاملي تي شهري اتحاد جي صدر نور حسن ڪوڪر ميڊيا سان ڳالهائيندي احتجاجي مظاهرو ڪيو

ڳرا بل موڪلي گهريلو صارفين کي گيس ڪنيڪشن ختم ڪرڻ طرف مجبور ڪري رهيا آهن: ڳالهيون

ٽنڊو محمد خان (ڊر ايم علي بروهي) سوئي سدرن گيس ڪمپني پاران گهريلو صارفين کي ڳاٽي ٽوڙ بل موڪلي شهرين مٿان قيامت برپا ڪري رهيا آهن اهڙي خيالن جو اظهار شهري اتحاد جي صدر نور حسن ڪوڪر ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪيو هن چيو ته ڳرا بل موڪلي گهريلو صارفين کي گيس ڪنيڪشن ختم ڪرڻ طرف مجبور ڪري رهيا آهن رمضان شريف جو ڀلارو مهينو شروع ٿيڻ وارو آهي پر سوئي سدرن گيس ڪمپني هن ڀلاري مهيني اچڻ کان اڳ ئي گهريلو صارفين کي پريشان ڪرڻ وارو عمل شروع ڪري ڇڏيو آهي هن چيو ته گيس پريشر نه هئڻ ۽ هر روز جو معمول بڻيل آهي جنهن سان رمضان شريف جي ڀلاري مهيني ۾ سحري ۽ افطاري وقت گهريلو صارفين کي رڌ پچاءُ وقت پريشانيون پيش اينديون هن چيف ايگزيڪٽو آفيسر سي اي او ۽ وفاقي حڪومت کان مطالبو ڪيو آهي ته گهريلو صارفين مٿان گيس جا ڳرا بل موڪلڻ وارو عمل بند ڪري صارفين کي رمضان شريف جي ڀلاري مهيني ۾ رليف فراهم ڪيو وڃي

***

ٽنڊو محمد خان ۾ سنڌ سڀا طرفان مظاهرين تي حملي خلاف احتجاجي مظاهرو

نيائين ۽ ڪارڪن مٿان پوليس ۽ نقاب پوش ماڻهن جي چڙهائي خلاف مظاهرو ڪيو ويو

پريس ڪلب آڏو پرامن احتجاج ڪندڙن مٿان بناجواز پوليس چڙهائي جي مذمت ڪريون ٿا: اڳواڻ

ٽنڊو محمد خان (ڊر ايم علي بروهي) ٽنڊو محمد خان ۾ سنڌ سڀا طرفان حيدرآباد پريس ڪلب آڏو پرامن احتجاج ڪندڙ نيائين ۽ ڪارڪن مٿان پوليس ۽ نقاب پوش ماڻهن جي چڙهائي، تشدد ۽ گرفتارين واري عمل خلاف سنڌ سڀا جي اڳواڻ صدر گل حسن ٻڙدي، ساجد سنڌي، رشيد سولنگي، ڪامريڊ رمضان ٻاگرائي ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته حيدرآباد پريس ڪلب آڏو پرامن احتجاج ڪندڙن مٿان بناجواز پوليس چڙهائي، تشدد ۽ گرفتاريون ڪرڻ واري عمل جي اسان سخت لفظن ۾ مذمت ڪريون ٿا ۽ اسان مطالبو ٿا ڪريون ته سنڌ جي نيائين ۽ قومي ڪارڪنن تي تشدد ڪرڻ واري واقعي ۾ ملوث ماڻهن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري گرفتار ٿيل قومي ڪارڪنن کي فوري آزاد ڪيو وڃي

***

بقايا سنڌيار 01

صحافي اتحاد جي اڳواڻ امحمد يونس راڄپر، مولابخش مشور، سهل منگ شاهد چنه، خادم سيال، سهيل راڄپر ۽ ٻين چيو ته نوشهرو فيروز پوليس جي سرپرستي ۾ بدامني جو راڄ آهي. لاڙڪاڻي مان آيل ڄڄ کي ڳوٺ دڙي وارا پوهيا ايندي نيشنل هاءِ وي تور پور اسٽاپ تي ڦورن چاچين کي يرغمال بڻائي ڦر ڪئي جنهن جون خبرون هلائڻ تان صحافي علي بخش پوهيو ۽ ان جي ٻاءِ سميت 5 گهر ڀاتين تي ڪوڙو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي ته گهر ۾ ٻيچ ٻاهه ڪئي وئي آهي. هنن چيو ته حق سچ لکڻ تي صحافين ۽ ان جي مائٽن تي ڪوڙا ڪيس ڪرڻ برداشت نه ڪنداسين. چورن ۽ ڦورن کي پوليس جي سرپرستي حاصل آهي ۽ نور پور جي آس پاس وارن علائقن ۾ ٿيندڙ وارداتن ۾ ايس ايڇ رفيق احمد پوهيو ڊي ايس پي عبدالله لاکير جا وانا ڌوهاري شامل آهن ۽ وري صحافين تي ڪوڙا ڪيس داخل ڪيا ٿا وڃن ان لاءِ صحافين ۽ ان جي گهر ڀاتين تي داخل ڪيل ڪوڙا ڪيس ختم ڪري صحافين مان بيچيني ختم ڪئي وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وسيع ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 02

تي ٿي پيو. 2 ڌوهاري قومي شاهراهه تي واردات ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا ته اطلاع ملڻ تي پوليس فوري طور تي پهچي وئي. پوليس مقابلي جي نتيجي ۾ هڪ ڌوهاري موقعي تي ئي مارجي ويو. جڏهن ته ٻئي ڌوهاري کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو. مارجي ويل ڌوهاري جو لاش اسپتال منتقل ڪيو ويو ۽ زخمي ڌوهاري کي علاج لاءِ شڪارپور اسپتال منتقل ڪيو ويو. شروعاتي اطلاعن موجب مارجي ويل ڌوهاري جي سڃاڻپ علي بخش عرف علو ولد محب جتوئي جڏهن ته زخمي ٿيل ڌوهاري جي سڃاڻپ سائين بخش ولد الاهي بخش جتوئي ڳوٺ عالم خان جتوئي جي رهواسي طور ٿي آهي. مارجي ويل ۽ زخمي ٿيل ڌوهارين جو ڪرمنل رڪارڊ چيڪ ڪيو پيو وڃي ۽ واقعي جي وڌيڪ جاچ پڻ ڪئي پئي وڃي. پوليس جي ڪامياب ڪارروائي تي ايس ايس پي شڪارپور ڊاڪٽر محمد عمران خان پوليس پارٽي کي شاباس. نقد انعام ۽ تعريفي سرٽيفڪيٽ ڏيڻ جون هدايتون ڪيون آهن.

بقايا سنڌيار 03

ڪميٽي کان عَلمدار چوڪ تائين ريلي ڪڍي سخت نعري بازي ڪئي وئي. ان موقعي تي شهرين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته شهيدن جي شهر خيرپور ناٿن شاهه جي شهر کي هٽ ولي تباهه ڪيو پيو وڃي. شهر جي حالت ڏينهون ڏينهن خراب ٿيندي پئي وڃي. شهر اندر ڏينهن ڏٺي موٽر سائيڪلون کسيون پيون وڃن منشيات جو وڪرو سري عام هلي رهيو آهي پوليس ڪک پڇي ڀڃڻو ناهي ڪيو اسين شهري وڃن ڪيون ٿا ته جيستائين منشيات جي لعنت جو خاتمو نٿو ٿئي تيستائين هي جدوجهد جاري رکي ويندي. جڏهن ته سوشل ورڪر بابو عبدالرحمان چانڊيو، اعظم چانڊيو، غلام علي چانڊيو. عابد حسين ٻير، ايڊووڪيٽ شعبان علي ملاح ، سيٺ فقير محمد شيخ، حافظ حاجن لغاري. قاري اسدالله لغاري، حميد گوزائي، احمد سنڌي. امجد گاڏهي سميت شهرين ۽ اسڪول جي شاگردن سول سوسائٽي وڪيلن ۽ صحافين پڻ وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا سنڌيار 04

ڳوٺ شاهه بيگ پتو سان ٻڌايو پيو وڃي

بقايا سنڌيار 05

آفيسرن کي هدايت ڪندي چيو ته رمضان المبارڪ جي بابرڪت مهيني جي حوالي سان گڏجاڻي ڪري تعلقن جو دورو ڪن. دڪاندارن ۽ ٻين واپارين سان پڻ گڏجاڻيون ڪري کين پابند ڪيو وڃي ته سرڪاري ريٽ جي جاري ڪيل لسٽ مطابق کاڌ خوراڪ جون شيون وڪرو ڪن. نه ته ٻي صورت ۾ انتظاميه پاران مقرر ڪيل اگهه کان وڌيڪ اگهه تي شيون وڪرو ڪندڙن خلاف قانوني موجب ڪارروائي ڪئي ويندي دادو ڊپٽي ڪمشنر فياض حسين راهوجو حيسڪو ۽ سوئي گيس عملدارن کي پڻ هدايت ڪئي ته رمضان المبارڪ جي بابرڪت مهيني ۾ سحري، افطار ۽ تراويح جي اوقات ۾ گئس ۽ بجلي جي لوڊشيڊنگ نه ڪئي وڃي دادو ڊي سي دڪاندارن کي پابند ڪيو ته هو مارڪيٽ ڪاميٽي جي لسٽ مطابق کاڌي پيتي جون شيون وڪرو ڪن ۽ انتظاميه سان تعاون ڪن ته جيئن عوام کي وڌ کان وڌ فائدو ملي سگهي دادو ڊپٽي ڪمشنر فلور مل مالڪن کي به هدايت ڪندي چيو ته اٽو سرڪاري اگهه تي وڪرو ڪيو وڃي. هن وڌيڪ چيو ته رمضان المبارڪ جو مهينو برڪتن ۽ عبادت وارو مهينو آهي.

بقايا سنڌيار 06

سان هڪ ڏينهن جي مفت اکين جي ڪئمپ سرڪاري اسپتال ڦل شهر ۾ ٿي گذري جنهن جو افتتاح ڊاڪٽر محمد خان شيخ ڪيو ۽ ڪئمپ ۾ ڊاڪٽر محمد خان شيخ، ڊاڪٽر ممتاز ڏيرو پنهنجي ٽيم سان گڏ او پي ڊي ۾ 600 مريضن کي تپاسي انهن مان 150 مريضن کي فيڪو مشين (بنا ٽانڪي) جي آمريڪن لينس هڻي آپريشن ڪيا ۽ ابراهيم آءِ اسپتال ڪنڊيارو جي بشير احمد سولنگي ۽ سندس ٽيم جديد اوزارن سان شگر جي مريضن جي اکين جي پوئين پردي جو چيڪ اپ ڪيو جڏهن ته مفت اکين جي ڪئمپ جو سگا جي مختلف شاخن سگا شاخ ڦلجي اسٽيشن، نوشهروفيروز، درياخان مري، مناهين جي عهديدارن ميمبر احمد حسن پهنور، آفتاب احمد پنهور، سڪندر علي جهتيال، حاجي خادم جويو، ڊاڪٽر عزيزالله جويو، اعظم عالماڻي، سيد ظفر علي شاهه، عبدالحڪيم ملاح، غلام مرتضي پنهور، سميت ايس ايس پي نوشهروفيروز ميڊم سهائي عزيز تالپر جي پي ايس او انسپيڪٽر فياض حسين ميمڻ، پ پ اڳواڻ ڪاشف ميمڻ، سماجي اڳواڻ اعجاز ممنائي، منظور علي ڦل، قادر بخش ملاح، صحافين مجيب الرحمان وگڻ، انيس الرحمان ڦل، غلام نبي رند ۽ ٻين دورو ڪيو ان موقعي تي سگا اڳواڻ پروفيسر بخش علي چانڊيو، سگا شاخ ڦل جي صدر محمد خالد ميمڻ، جنرل سيڪريٽري پروفيسر رياض چانڊيو، استاد سلطان ڦل، سيد اسلم شاهه، خليق الزمان سومرو، عبدالرزاق ملاح، مثنار چانڊيو ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سگا شاخ ڦل طرفان هي 25 هين مفت اکين جي ڪئمپ لڳائي وئي جڏهن ته شاخ طرفان اکين جي ڪئمپ ڪانسراءِ ڪيٽرين ٿي چمڙي جون ۽ جنرل طبي ڪئمپون لڳايون ويون آهن ۽ انشاءَالله اڳتي به اهڙيون ڪئمپون لڳائي عوام جي ڀرپور خدمت ڪئي ويندي

بقايا سنڌيار 07

علائقن ۾ ٽارگيٽڊ آپريشن ڪيو آپريشن دوران سي آءِ اي انچارج، جديد ٽيڪنيڪل ٽيمن سميت ڌوهارين خلاف گڏ جيهو ابراهيم جي واڍ سميت ٻين ڳوٺن ۾ سرچ آپريشن ڪيو آپريشن دوران پوليس گهربل ڌوهارين ارشي، ديدو، ساجو جيهو ۽ ٻين جي ڳاڪن ۽ گهرن کي چڙهائي ڪري انهن کي ڊاهي پٽ ڪرڻ سان گڏ باهيون ڏئي ڇڏيون جنهن دوران ڪجهه شڪي ماڻهن کي گرفتار پڻ ڪيو ويو آهي جن جي تصديق جو عمل جاري آهي. آپريشن دوران ڌوهارين جي جرير تي نظر رکڻ سنڌن گرفتارين ۽ امن امان جي صورتحال کي بهتر ڪرڻ لاءِ علائقن اندر پوليس جون ڪئمپون قائم ڪيون ويون آهن. جڏهن ته آپريشن دوران هٿياربند ڌوهارين جي فائرنگ ۾ ڳڙهي خدابخش پتو ٿاڻي جو ايس ايڇ او اشتياق پٺاڻ گولي لڳڻ ڪري زخمي ٿي پيو جنهن کي علاج لاءِ نئون ديرو اسپتال آندو ويو جتان ڪيس وڌيڪ طبي امداد لاءِ چانڊڪا اسپتال لاڙڪاڻي منتقل ڪيو ويو ان ڏس ۾ ايس ايس پي لاڙڪاڻو عبدالرحيم شيرازي چيو ته امن امان جي صورتحال کي خراب ڪرڻ جي ڪنهن به اجازت نه ڏينداسين ۽ ڌوهارين کي ڪنهن به صورت ۾ معاف نه ڪيو ويندو. لاڙڪاڻو ضلعي جي روپوش، اشتهاري ۽ سنگين نوعيت جي ڪيسن ۾ گهربل ڌوهارين جون لسٽون ناهي ورتيون آهن تمام جلد اهڙن ڌوهارين کي گرفتار ڪري قانون جي گرفت ۾ آندو ويندو ٻئي پاسي ڊي ايس پي نئون ديرو نثار بروهي جو چوڻ هو ته ڳوٺ ابراهيم جي واڍ ۾ گهربل ڌوهاري ساجو جيهو جي گرفتاري لاءِ چڙهائي ڪئي ته هنن پوليس مٿان فائرنگ ڪري ڏني جنهن جي نتيجي ۾ ڳڙهي خدابخش پتو ٿاڻي جو ايس ايڇ او زخمي ٿي پيو. جڏهن ته آپريشن کي تيز ڪرڻ لاءِ وڌيڪ پوليس نفري کي طلب ڪيو ويو آهي. جڏهن ته زخمي ايس ايڇ او کي طبي امداد ڏني پئي وڃي.

بقايا سنڌيار 08

جي فيلڊ آفيسر زاهد علي چانڊيو چيو ته ليگل ايڊ سوسائٽي جي طرفان آئي او ايم جي تعاون سان ٻوڏ متاثر علائقن جي لاءِ فيبروري 2023 کان شروع ڪيل پروجيڪٽ جنهن جو مقصد سنڌ ۾ ٻوڏ کان متاثر ٿيل آبادي لاءِ سول دستاويزن تائين رسائي جي حفاظت ۽ واڌارو ڪرڻ آهي. پروجيڪٽ جي تحت ضلع دادو ۾ غريب ماڻهن جا ٻوڏ دوران گم ٿيل ڪاغذات جهڙوڪ ڄم سرٽيفڪيٽ، ڊوميسائل پي آر سي، ب فارم، فوتي سرٽيفڪيٽ ٺهرائي ڪري تقسيم ڪرڻ ۽ مستحق خاندانن کي بينظير انڪم سپورٽ ۾ رجسٽرڊ ڪرڻ هيو. هن وقت ضلع دادو ۾ 113 خاندانن جا ڊوميسائل پي آر سي ڄم سرٽيفڪيٽ جاري ڪيا ويا. شناختي ڪارڊ توان گم ٿيل ۽ مدوخارج پڻ جاري ڪرايي ڏنا ويا جنهن ۾ عام ماڻهن ۾ سول دستاويزجي اهميت. ان جي سڄاڳي خاطر دادو ضلع جي 62 مختلف ڳوٺن ۾ آگاهي ڏني وئي ته 200 غريب خاندانن کي بينظير انڪم سپورٽ ۾ رجسٽرڊ ڪرايو ويو.

بقايا سنڌيار 09

پاس 2023 جي اميدوارن پاران قاسم ميمڻ، عبدالقيوم، علي محمد شاهه مراد علي، صديق ميمڻ محمد علي ڪنيار ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ سورج سڄاولي پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ويو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ چيو ته اسان اين ٽي ايس ٽيسٽ پاس ڪندڙ سال 2023 جا اميدوار آهيون پر هن وقت تائين اسان کي آفر آرڊر ناهن ڏنا ويا جڏهن ته سنڌ حڪومت اسان ٽيسٽ پاس اميدواران کي نظرانداز ڪري ايس ٽي ايس پاس اميد کي آفرآرڊر ڏنا پيا وڃن جيڪا سراسر اسان سان ناانصافي آهي هنن پ پ جي اعليٰ قيادت کي گهر ڪندي چيو ته سڄاول ضلع جي اين ٽي ايس پاس اميدوارن جو پهرين حق آهي اهو حق اسان کي ڏنو وڃي نه ته ٻي صورت ۾ اسان احتجاج جو دائرو وسيع ڪنداسين

بقايا سنڌيار 10

مزدورن اڳيان گوڏا ڪوڙي ڇڏيا ملز جو ڊي جي ايم مختيار لغاري مزدور يونين جي اڳواڻن وٽ پهچي ويو جتي مزدور يونين جي صدر منور مغل قانوني صلاحڪار ايڊوڪيٽ جي ايم لغاري غلام رسول ٿهيم ۽ فاران شگر ملز جي ڊي جي ايم مختيار لغاري جي درميان ڪامياب ڳالهيون ٿيون جنهن ۾ ملزانتظاميه مزدورن کي سال 2022 ۽ 2023 جو 5 پرسنٽ 19 ۽ 20 مارچ جڏهن ته بونس عيدالفطر تي ڏيڻ جو اعلان ڪيو آهي ان موقعي تي مزدور يونين جي صدر منور مغل پيپلز مزدور يونين جي قانوني صلاحڪار ايڊوڪيٽ جي ايم لغاري جنرل سيڪريٽري غلام رسول ٿهيم جو چوڻ آهي ته اسان مزدورن جي جائز مطالبن جي 9 مارچ تي ملز گيٽ اڳيان ڌرڻي جو اعلان ڪيو هو جنهن تي ملزجي ڊي جي ايم مختيار لغاري سان ڳالهيون ٿيون جنهن پورهيتن جا جائز مطالبا تسليم ڪيا جنهن ڪانپو اسان ڌرڻو ملتوي ڪرڻ جو اعلان ڪيون ٿا اسان جو ملزانتظاميه سان ڪو به ذاتي تڪرار ناهي صرف مزدورن جي حقن لا جدجهد ڪري رهيا آهيون ڪندا رهنداسين فاران شگر ملزجي ڊي جي ايم مختيار لغاري جو چوڻ آهي مزدورن جا جائز مطالبا پورا ڪيا ويندا هن چيو ته سال 2022 ۽ 2023 جو 5 پرسنٽ 19 ۽ 20 مارچ تي مزدورن کي ڏنو ويندو جڏهن ته عيدالفطر تي مزدورن کي بونس به ڏنو ويندو هن چيو ته انهي اداري سان هزارين گهرن جون چلهون ٻرن ٿيون انهي ڪري گڏجي انهي اداري کي مظبوط ڪيون

بقايا سنڌيار 11

ڪانوڙ ۾ منعقد ڪئي وئي. متحده عرب امارات جي سفير بخيت عتيق الرمانتي ڪانوڙ جي 3 هزار خاندانن ۾ راشن تقسيم ڪيو. رمضان شريف کان اڳ ضرورت مند خاندانن ۾ راشن ورهائڻ جي تقريب ملير لاڙڪاڻو قمبر شهدادڪوٽ خير پور غيبي ديرو ساڪرو سميت بلوچستان جي علائقن ۾ به راشن تقسيم ڪيو ويندو. اڄ سڄي دنيا ۾ عورتن جو عالمي ڏينهن آهي عورتن کي زندگي ۽ جي هر شعبي ۾ اڳتي اچڻ گهرجي. متحده عرب امارات جي سفير بخيت عتيق الرمانتي جون ڳالهيون تفصيل موجب متحده عرب امارات پاران سنڌ جي هزارين ضرورت مند خاندانن ۾ راشن تقسيم ڪرڻ جي تقريب ملير جي ڪانوڙ ۾ منعقد ڪئي وئي. تقريب ۾ متحده عرب امارات جي سفير بخيت عتيق الرمانتي ڪانوڙ جي 3 هزار خاندانن ۾ راشن تقسيم ڪيو. هن چيو ته رمضان شريف کان اڳ ضرورت مند خاندانن ۾ ملير، لاڙڪاڻو، قمبر شهدادڪوٽ، خير پور، غيبي ديرو، ساڪرو سميت بلوچستان جي علائقن ۾ به راشن تقسيم ڪيو ويندو، سنڌس چوڻ هو ته متحده عرب امارات پاڪستان جي هر حڪومت سان ملي ڪري ڪم ڪندي آهي پاڪستان جي ترقي ۾ متحده عرب امارات سهڪار ڪندي رهندي، حڪومت سان ملي ڪري پاڪستان ۾ انفراسٽرڪچر کي بهتر ڪرڻ تعليم، صحت سميت مختلف شعبن ۾ سهڪار ڪيو ويندو. هن چيو ته اڄ سڄي دنيا ۾ عورتن جو عالمي ڏينهن آهي عورتن کي زندگي ۽ جي هر شعبي ۾ اڳتي اچڻ گهرجي. ترقي يافته ملڪن جو راز اهو آهي ته اتي عورتن کي برابري جا حق ڏنا ويندا آهن.

بقايا سنڌيار 12

وين جنازي نماز ۾ وڏي انگ ۾ ماڻهن جي شرڪت. سنڌس مزه احمد سائين جي درگاهه پرسان مٽي ماءِ حوالي ڪيو ويو، خبرموجب، خانپورمهر پرسان درگاهه احمد سائين خانگڙهه شريف جي گادي نشين ميان عبدالرئوف سائين جو فرزند ميان عبدالصمد دل جو دورو پوڻ سبب لاڏاڻو ڪري ويو. ٻڌايو پيو وڃي ته ميان عبدالصمد کي گهر اندر دل جو دورو پيو جنهن کي گهوٽڪي اسپتال نيو ويو جتي هن جو دم پرواز ڪري ويو، هوڏانهن ميان عبدالصمد جي لاڏائي جو اطلاع ملندي ئي وڏي تعداد ۾ مريد توڙي عقيدتمند درگاهه تي پهچي ويا، جڏهن ته علائقي ۾ سوڳ واري لهر ڇانيل آهي. فوتي عبدالصمد ميان عبدالرئوف جو ٽيون نمبر پٽ هيو. هوڏانهن ميان عبدالصمد جي جنازي نماز گوهر پيلس پرسان گرائونڊ ۾ ادا ڪئي وئي جنهن ۾ پري پري کان مريدن توڙي عقيدتمندن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. جنهن بعد مزه سوين آلين اکين سان درگاهه احمد سائين پرسان مٽي ماءِ حوالي ڪيو ويو.

بقايا سنڌيار 13

آفيسر سيد امجد شاهه. وڻڪاري مهم تحت ٻوٽا پوکي وڻڪاري مهم جي شروعات ڪئي ان موقعي تي ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر راجا نثار ميمڻ ، تعلقه ايجوڪيشن آفيسر سيد امجد حسين شاهه . هيڊ ماستر عارف قريشي دانش خلجي ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اڄڪلهه وڻ جي اهميت کي اجاگر ڪرڻ جي ضرورت آهي ۽ وڻ وڍڻ بجاءِ پوکڻ تي زور ڏنو وڃي جيڪڏهن اسان کي پنهنجي سنڌ ڌرتي سدائين سرسبز ۽ شاداب ڏسڻي آهي ته پوءِ اچو ته گڏجي وڻن جي اهميت کي گهر گهر پهچايون ۽ پنهنجي حصي جو وڻ لڳايون جيڪا پڻ هڪ عبادت اهي، ماحول کي صاف رکڻ ۽ ماحولياتي گدلاڻ کي روڪڻ لاءِ وڻن جي اهميت اٿر ٿي وئي آهي هنن چيو ته وڻ ڌرتي جي سونهن سان گڏ اسان انسانن جو جيئندان آهن جنهن مان خارج ٿيندڙ گئس اسان انسانن کي زنده رکي ٿي ۽ ماحول صاف ستهرو رهندو آهي دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن کي خوبصورت ۽ آلودگي کان پاڪ رکڻ لاءِ ملين بالرشجرڪاري مهم تي خرچ ڪري روڊن رستن گهرن توڙي زمينن ۾ وڻ پوکيا ويندا آهن جتي وڻن جو قدر هجي ٿو اتي ماڻهن جي روح کي راحت ملي ٿي پکي پرندا ۽ جانور به گهاٽن ٻيلن ۽ وڻن هئڻ سبب خوش زندگي گذارين ٿا هن وقت سنڌ اندر ماحولياتي آلودگي ۽ گرمين ۾ واڌ جو سبب اهو ٿي ٻڌايو پيو وڃي ٻيلا تيزي سان گهٽجي رهيا آهن ۽ ان لاءِ وڻڪاري ڪري اسين ماحول کي صاف ستهرو رکي سگهون ٿا

بقايا سنڌيار 14

پرائمري اسڪول محمد مٺل ٻٽي جي ڳوٺاڻن بنيادي سهولت نه هجڻ جي ڪري احتجاجي مظاهرو ڪيو هنن جو چوڻ آهه ته اسڪول 2 ڪمرن تي مشتمل آهي اهو زبون حالت ۾ آهي ڇت به ڪرڻ تي آهي اسڪول ۾ سو کان مٿي پهرين ڪلاس جا ۽ پنجي درجي جا ٻار ڇوڪريون پڙهن ٿيون ان اسڪول ۾ ڏليترين آهي نه واش روم ڏٿي بجلي آهي سو ٻارن کي 3 استاد پڙهائين ٿا هڪ ڪمرو سال پهريان منظور ٿيو هيو ان جي ڊي پي سي ٿيڻ کان پوءِ اڃا تائين ڪم نه ٿيو آهي تفصيل موجب نوشهروفيروز شهر جي پرسان ڳوٺ پيرجمن گورنمنٽ پرائمري اسڪول محمد مٺل ٻٽي کي 2022 جي قيامت خيز بارشن جي ڪري بلڊنگ جي زبون حالت ٿي وئي ديوارون به ڪري پيون ڇت جا چاپڙ به ڪرڻ جي ڪري اسڪول جا شاگرد ٿرخمي ٿي پيا آهن سو اسڪول جار پار ڇوڪريون کلي آسمان هيٺ پڙهن ٿا اسڪول ۾ نه پيڻ جو پاڻي ميسر آهي نه واش روم نه بجلي آهي هيڊ ماستر محمد بخشل سومرو ميڊيا کي ٻڌايو ته 250 ٻار داخل آهن انهن کي ڪابه سهولت نه آهي فرنيچر نه هجڻ جي ڪري ٻار سرون رکي ويهن ٿا اسڪول ۾ مان ۽ 3 استاد جيڪي نه ڪافي آهن اسان بلڊنگ جي درخواستون ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن کي الهائي دفعا ڏنيون آهن فرنيچر جي ڪمي ۽ استادن جي ڪوٽ جي لاءِ بالاآفيسرن کي لکيو آهي پر ڪو به ڪڙ نيل نه نڪتو آهي ڳوٺ جي رهواسين علي اڪبر ٻٽي غلام عباس ٻٽي ننگر خان چانڊيو چيو ته ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن ورڪس نوشهروفيروز هڪ ڪمرو منظور ڪري ڏنو ان ڪم اڃان تائين نه ٿيو آهي

بقايا سنڌيار 15

نامعلوم هٿياربندن ڦر ڪرڻ جي واردات ۾ هٿياربندن سان مذاحمت ڪرڻ تي ٻنهي جوانن کي سخت زخمي قرار ٿي ويا جڏهن ته زخمين کي فوري طور تي سول اسپتال سڄاول پهچايو ويو جتي طبي امداد ڏيڻ بعد وڌيڪ اعلاج لاءِ ڪراچي روانو ويو. جڏهن ته ايس ايس پي سڄاول شهلا قريشي واقعي جو نوٽيس وٺندي خصوصي ٽيم تيار ڪري سي آئي اي قربان قمبراڻي ايس ايڇ او سڄاول مظهر ناٿج ۽ آئي ٽي ۽ ڊي آئي سي انچارج عبدالحفيظ پرٽ جي نگراني ۾ پنجن ڪلاڪن اندر ڪامياب ڪاروائي ڪندي واقعي ۾ ملوث مرڪزي جوابدار عزيز پارهيڙي کي گرفتار ڪري ورتو گرفتار جوابدار ڏوهه جو اعتراف ڪندي ٻين جوابدارن جي نشاندگي ڪئي. جڏهن ته ٽيم ضلع جي مختلف علائقن ڇاپا هڻ جو سلسلو جاري آهي ٻي طرف پوليس موقف ڄاڻايو آهي ته ڦرجي وردات ۾ متاثر ڌر کي گذارش ڪئي آهي ته گرفتار جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪرائي پوليس جو ساٿ ڏين ته جلد کان جلد قانون جي گرفت ۾ آڻي سگهون

بقايا سنڌيار 16

نبي بخش عرف ٽبو هشيار سورج سڄاولي پريس ڪلب پهچي صحافين اڳيان داهيندي چيو ته آئون سول ڪورٽ سڄاول ۾ ڪرسي تي ويٺو هوس ته ايسوسيئيشن بار سڄاول جو صدر وڪيل لياقت جماري جيڪو اچڻ شرط مون تي مڇرجي پيو ۽ ڪرسي تي ويهڻ جو بهانو ڄاڻائي ٺڏو هڻي اٿاري ڇڏيو ۽ چيائين ته تون ڪيس ٻين وڪيل کي ڏين ٿو مونکي نٿو ڏين ۽ مونمار ڌمڪيون ڏيندي چيو ته آئون تنهنجي خلاف سڄي سنڌ جي مختلف ٿاڻن تي ڪيس داخل ڪرائيندس اهڙي ڌمڪين کان پوءِ وڪيل لياقت جماري مون غريب تي سنڌ جي مختلف ٿاڻن تي ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائي مون کي حراسان ڪري رهيو آهي. هن وڌيڪ چيو ته وڪيل لياقت جماري جيڪو پاڻ خد بااثر ۽ بااثرن جو ماڻهو آهي هو پنهنجي ڏاڍ تي بناجواز مون تي ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائي مونکي تنگ ڪري رهيو آهي. هن آئي جي سنڌ، ڊي آئي جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي سڄاول کي اپيل ڪندي چيو ته مون تي ڪيل ڪوڙا ڪيس ختم ڪيا وڃن ۽ مونکي هن مان جان ۽ مال جو خطرو آهي تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 17

يوٽليٽي اسٽور وارن کي پابند ڪيو وڃي ته هو سامان غائب ڪرڻ بجاءِ مقرر سستي اگهن ۾ ماڻهن کي سامان ڏين ته اسان وٽ ڪوب خريدار ته ايندو واپارين جو موقف جنهن تفصيل موجب ڊي سي بدين پاران رمضان شريف جي مهيني ۾ مهانگائي تي ڪنٽرول ڪرڻ ۽ عام واهپي جون شيون سستي اگهن ۾ وڪرو ڪرڻ لاءِ ڪال سندس آفيس ۾ بدين جي واپارين سان گڏجاڻي ڪئي گڏجاڻي ۾ موجود واپارين موجب ته هنن ڊي سي بدين جي اڳيان واضع ڪيو آهي ته رمضان شريف ۽ مهنگائي جو سبب ڪراچي حيدر آباد جا هول سيلر واپاري آهن جن عام واهپي جون شيون مارڪيٽ مان غائب ڪري ذخيرو ڪري ڇڏيون آهن ۽ انهن شين جا اگر به وڌايي ڇڏيا آهن واپارين جو موقف هو ته جڏهن اسان کي مهانگيون شيون ملنديون ته اسين سستيون ڪئين وڪرو ڪنداسين واپاري ڊي سي بدين کي ٻڌايو ته اسان کي هول سيل ۾ ڪنڊ 140 روپيا ڪلو ملندي ته اسان گهٽ ريٽ ۾ نه وڪڻنداسين پر يوٽليٽي اسٽورتي اها ڪنڊ ماڻهن کي 119 روپيين ۾ وڪرو ڪرڻي آهي پر يوٽليٽي اسٽورن تان ڪنڊ سميت جانور گيه پتي بيسڻ سميت عام واهپي جڳن شيون ڪميشن عيوض واپارين کي وڪرو ڪيون پيون وڃن اگر انهن تي ڪنٽرول ٿئي ته ۽ يوٽليٽي اسٽورن تي سرڪاري مقرر اگهن ۾ ماڻهن کي سامان ملي ته اسان وٽ ڪو به خريدار نه ايندو جنهن تي گڏجاڻي ۾ موجود يوٽليٽي اسٽورجي ويئر هائوس جي انچارج کي ڊي سي بدين چند پٽيندي چيو ته اسان وٽ به اهڙيون شڪايتون پهتيون آهن ۽ هاڻ اسان توهان تي چيڪ اينڊ بيلنس رکڻ لاءِ ڪميٽي جوڙيون ٿا ۽ ڊي سي بدين سبزي ۽ فروٽ جي واپارين ڊي سي کي ٻڌايو ته ڪراچي جي سبزي ۽ فروٽ جي هول سيلرواپارين ڪيلو ۽ بيوفروٽ ڪولڊ اسوريج ڪري ڇڏي آهي جنهن ڪري فروٽ هينٽرئي مهانگو ٿي ويو آهي سبزي جي واپارين ٻڌايو ته ڪراچي ۾ بصر ذخيرو ڪري مارڪيٽ ۾ ڪوٽ پيدا ڪري مهانگو ڪري ڇڏيو ان جنهن ڪري هڪ هفتي ۾ بصر 280 روپيا ڪلو ٿي ويو آهي واپارين طرفان هول سيلر واپارين جي من مانين تي تي ۽ يوٽليٽي اسٽور ڪارپوريشن تي ڪنٽرول ڪرڻ تي زور ڏيڻ تي ڊي سي بدين چيو ته هو ان حوالي سان ڪمشنر سان ڳالهائيندو

بقايا سنڌيار 18

جي مختلف ضلعن لاڙڪاڻو، شڪارپور، ڪشمور، ڪنڌڪوٽ، جيڪب آباد، گهوٽڪي، خيرپور، جام شورو، حيدرآباد سميت سنڌ جي سمورن ضلعن کان آيل يونين جي اڳواڻن شرڪت ڪئي. اجلاس دوران سڀني اڳواڻن جي گڏيل راءِ سان يونين جي نئي سر جوڙ جڪ لاءِ پوري سنڌ اندر 27 اپريل تي اليڪشن ڪرائڻ جو اعلان ڪيو ويو اجلاس ۾ ملازمين جي پگهارون مان ڪٽوتي تي افسوس جو اظهار ڪيو ويو اجلاس ۾ يونين اڳواڻن پاران واپڊا جي نا انصافين خلاف احتجاج ڪندي مطالبو ڪندي واپڊا پاران او. زيڊ. تي قسط مان 5 سيڪڙو ڪٽوتي کي رد ڪري ڇڏيو ۽ اجلاس ۾ مطالبو ڪيو ويو ته او. زيڊ. تي قسط ۾ 5 سيڪڙوجي ڪٽوتي کي ختم ڪيو وڃي. اجلاس ۾ ماجهند ۽ سڄاول يونين ڪائونسلن جي ملازمن جون پگهارو نه ملڻ خلاف ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي ملازمن جون فوري پگهارون جاري ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو. جنهن بعد ملازمن جي حقن لاءِ يونين جي مرڪزي چئيرمين جي اڳوائي ۾ احتجاجي مظاهرو پڻ ڪيو ويو. اجلاس جي آخر ۾ لوڪل گورنمينٽ ملازمن جي وفات تي دعا مغفرت ڪئي وئي. اجلاس ۾ ٻاهران آيل اڳواڻن ۾ شامل حفيظ پگهيو، عبدالهادي مرڪياڻي، محمد بخش سومرو، منظور مغيري لالا اورنگزيب پٺاڻ، جنيد سومرو ۽ ٻين شرڪت ڪئي.

بقايا سنڌيار 19

خوبصورت سائنسي ماڊل نمائش لاءِ رکيا جتي شاگردن استادن توڙي والدين جا هجوم لڳل هئا. ان موقعي تي ماڊلز لڳائيندڙ شاگرد هر هڪ کي سلي نموني معلومات فراهم پڻ ڪري رهيا هئا. سائنسي ميلي ۾ ڊي اي او سيڪنڊري گهوٽڪي عبدالمالڪ بلو. ٽي اي او سيڪنڊري خانگڙهه محمد لائق مهر. پرنسپال هاير سيڪنڊري اسڪول عبدالحنان ڪلوڙ ۽ ٻين پوزيشن ماڻيندڙ شاگردن توڙي شاگرديائين ۾ انعام تقسيم ڪيا. ان موقعي تي ڊي اي او ايجوڪيشن گهوٽڪي عبدالمالڪ بلو. ٽي اي او سيڪنڊري محمد لائق مهر جو چوڻ هو ته ٻارڙن ۾ ڪجهه ڪري ڏيکارڻ جي سگهه آهي تنهنڪري کين سائنسي ليبارٽرين کان ٻاهر ڪڍي پريڪٽيڪل طور ڪم ڪرڻ جو موقعو فراهم ڪري رهيا آهيون ته جيئن اسان جو ٻار وڌيڪ اڳتي وڌي سگهي.

بقايا سنڌيار 20

آهي جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ بدران سپورٽ ڪري رهي آهي اسين آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي شهيد بينظير آباد ايس ايس پي نوشهرو فيروز سيشن جج نوشهرو فيروز ۽ ٻين وسوارن ادارن کان نه فورن قاتلن کي گرفتار ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ ايس ايس پي آفيس اڳيان ڌرڻو لڳايو ويندو

بقايا سنڌيار 21

مظاهرو ڪيو ان موقعي تي برطرف اهلڪارن امجد وسطڙو، مسعود قريشي، عبداللطيف ميمڻ، اصغر علي ٽگڙ، جاڙو خان ڪلهوڙو ۽ ٻين چيو ته اسان کي 2012 ۾ بنا سبب ايس آر پي مان برطرف ڪيو ويو. ان کان اڳ ڪيترائي سال پگهارون کنيون ۽ ٽريننگ سان گڏ ڊيوٽين جا فرض پڻ سرانجام ڏنا پر هاڻي پگهارون به بند آهن. جنهن ڪري برطرف اهلڪارن جي گهرن ۾ فاقا ڪشي جي صورتحال آهي ۽ اهلڪار بحالي لاءِ سخت پريشان آهن. هنن چيو ته برطرف ڪري سوين ملازمن سان وڏي ويساهه گهاتي ڪئي وئي. حڪومت روزگار ڏيڻ لاءِ تيار ناهي پر جيڪو روزگار مليو اهو به کسيو ويو آهي. هنن چيو ته ايس آر پي اهلڪارن کي بحال ڪري فاقا ڪشي کان بچايو وڃي. ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو.

بقايا سنڌيار 22

اچي سگهيو. شڪارپور جي لکيدر ٿاڻي جي حد مان جهاز چوڪ پرسان ٽپال چانڊ ڪمپني جي ڊسٽريبيوشن دڪان تان 3 نامعلوم هٿياربندن هٿيارن جي زور تي دڪان تي ويٺل عملي جي 4 ڄڻن کان 10 لک کان وڌيڪ روڪ رقم ۽ 3 موبائيل فون ڦر ڪري آسان سان فرار ٿي ويا. اطلاع تي حد جي ٿاڻي جي پوليس واقعي واري هنڌ تي پهچي واقعي بابت ڄاڻ ورتي. هوڏانهن وچ شهر مان ڦرجي واقعي بعد واپارين تنظيمن جي اڳواڻن سميع الله شيخ، لالا سرفراز پٺاڻ، حاجي سعيد اعوان ۽ ٻين ٽپال چانڊ ڪمپني جي ڊسٽري بيوٽر حاجي محمد صابر آئين ۽ وقار آرائين جي دڪان تي پهچي ڦر واقعي تي افسوس جو اظهار ڪيو ۽ شهر ۾ ٿيندڙ بدامني جي واقعن تي ڳڻتي جو اظهار ڪيو هنن چيو ته ڦر واقعي ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري ڦر ٿيل سامان ۽ موبائيل فونيون برآمد ڪرايون وڃن ۽ شهر ۾ سيڪيورٽي انتظامن کي سخت ڪري واپارين کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 23

ڦن جو مظاهرو ڪري زبرست موج مستي پيدا ڪئي جڏهن ته مرلي داس ۽ وڃي ڪمار پڻ ٻئي ڏينهن تي ستسنگ ڪيو. گادي نشين سائين رام داس صاحب آيل سڀني مهمانن جي ڀرپور آجيان ڪندي چيو ته پارونيءَ جي شادي تي اسان زبردست خوشي ملهائي آهي جنهن ۾ پوري سنڌ کان آيل مهمانن شنڪر ڀڳوان ۽ ماتا پارونيءَ جي هن ڏڻ تي پنهنجن ٻچڙن کي لوليون به ڏياريون آهن ۽ پوڄا پاٺ به ڪئي آهي. هن شيوا ڪندڙ سڀني داد پڻ ڏنو سوئو ڪمار، راجيش ڪمار ڪراچي وارن جي محفل کان پوءِ ٻئي ڏينهن به ستسنگ ۾ سوين سنڌ کان آيل مهمانن شرڪت ڪئي. پرويش چيو ته هتي اچي اسان کي خوشي ٿي آهي

بقايا سنڌيار 24

۾ بلدياتي ملازمن پاران احتجاج رڪارڊ ڪرايو ويو جنهن ۾ حفيظ پگهيو، عبدالهادي مرڪياڻي، محمد بخش سومرو، لالا اورنگزيب پٺاڻ، جنيد سومرو، عبدالهادي سميت لاڙڪاڻو، قمبر شهدادڪوٽ، جيڪب آباد، دادو، شڪارپور، ڪشمور ڪنڌڪوٽ، جامشورو، خيرپور سميت مختلف ضلعن کان بلدياتي ملازمن جي يونين اڳواڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. جنهن ۾ سنڌ اندر بلدياتي ملازمن سان پگهارن جي مد ۾ ٿيندڙ ڪٽوتين واري ناجائزين تي افسوس جو اظهار ڪندي مرڪزي چيئرمين مشتاق احمد ڪوريجو چيو ته اسان جو ڊگهي عرصي کان مطالبو آهي ته بلدياتي ملازمن کي ٽريزري معرفت آنلائن پگهارون ڏنيون وڃن نه ملازمن سان ٿيندڙ مانيلي ماءِ وارو سلسلو بند ٿي ويندو هن وقت مانجهند، سڄاول جوٽيجو ٽائون ڪاميٽين جا ملازم پگهارن لاءِ سراپا احتجاج بڻيل آهن ۽ انهن جون بيگناهه پگهارون بند ڪري ظلم ڪيو پيو وڃي جيڪو ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪيو ويندو هن وقت گذريل 5 مهينن کان او زيڊ تي قسط مان بجليءَ جي بل جي مد ۾ 5 سيڪڙو ڪٽوتي ڪئي پئي وڃي جيڪا اسان کي ڪنهن به صورت ۾ قبول نه آهي. اسان اڄ سنڌ حڪومت کان مطالبو ڪريون ٿا ته او زيڊ تي قسط مان ٿيندڙ 5 سيڪڙو ڪٽوتي فوري طور تي بند ڪئي وڃي، ٻي صورت ۾ احتجاجي تحريڪ شروع ڪئي ويندي. هوڏانهن ان کان اڳ اجلاس ڪوٺايو ويو جنهن ۾ شاهه لطيف لوڪل گورنمينٽ ايمپلائيز يونين سنڌ جي نئين سر تنظيم سازي ڪرڻ تي غور ويچار ڪيو ويو ۽ 27 اپريل 2024ع تي مرڪزي چونڊون ڪرائڻ جو اعلان پڻ ڪيو

بقايا سنڌيار 25

اسڪول بنيادي سهولتن کان محروم ، درجنين اسڪول بلڊنگون مال جي واڙن ۾ تبديل ڪافي اسڪول بلڊنگز جوڇتيون زبون حالي سبب ڊهي پٽ پئجي ويون لاڳاپيل انتظاميا اک نه پٽي سوين اسڪولن ۾ معصوم ٻارڙن ٽيائين لاءِ باٿ روم به ميسر نه آهن ، ڪيترائي اسڪول مرمت نه ٿيڻ ڪري کنڊر بڻجي ويا سنڌ حڪومت جون سڀئي دعوائون هوا ۾ اڏامي ويون تعلقي جي مؤثي يونين ڪائونسلن شهرن ۽ ٻهراڙي جي هزارين ڳوٺن ۾ اسڪول بنيادي سهولتن کان محروم هجڻ ڪري اسڪولن ۾ پڙهندڙ معصوم ٻارڙن جو مستقبل داءِ تي لڳل اختيارين به خاموش تماشائي جڏهن ته تعلقي جي ننڍن وڏن شهرن مويا، ڏندو، نظرپور سميت باقي علائقن ۾ به سوين ٻار پڙهن ٿا جتي اسڪولن جا مين گيٽ ڇتيون در دريون ۽ چئوديواريون پڻ ٽٽل آهن ڪافي اسڪولن ۾ واش روم جي سهولت نه آهي جڏهن ته پاڻي جي به ڪا سهولت موجود نه آهي ٻارڙن جي مائٽن طرفان ماضي ۽ مستقبل ۾ ڪوڙ شڪايتون ملڻ بعد انتظاميا ڪافي اسڪولن جو وزٽ به نه ڪري سگهي اسڪولن اندر ڪنهن به نموني جون بنيادي سهولتون درڪار نظر نٿيون اچن ان سلسلي ۾ اسڪولن ۾ تعليم حاصل ڪندڙ معصوم ٻارڙن جي والدين ڊي سي ٽنڊو محمد خان کي ڌيان ڇڪائيندي چيو آهي ته سنڌ ۾ تعليمي ايمرجنسي جون ڳالهيون ته ٿيون ايجوڪيشن ورڪس طرفان ٽينڊر پڻ ٿيندا رهن ٿا پر جتي اهم ضرورت آهي اتي ڪابه سهولت يا ڪو ريپئر مينٽيننس جو ڪم نٿو ڪيو وڃي جيڪو دل ڏڪائيندڙ آهي عوام مٿان ٽيڪس جو وزن ان باوجود ان عوام جي ٻچن کي تعليمي ادارن ۾ واش روم جي سهولت به نه هجي انتهائي دل ڏڪوئيندڙ عمل آهي انتظاميه کي اک کولڻ گهرجي انهن ڊي سي ٽنڊو محمد خان ۽ سيشن جج ٽنڊو محمد خان کان اپيل ڪندي چيو ته جلد از جلد تعلقي جي سمورن سرڪاري اسڪولن جو وزٽ ڪري سهولتون مهيا ڪيون وڃن

بقايا سنڌيار 26

۽ ايس ايس پي لاڙڪاڻو نوٽيس وٺندي ڊي ايس پي نئون ديرو ۽ ايس ايڇ او کي ملوث جوابدارن کي فوري طور گرفتار ڪري رپورٽ ڏيڻ جون هدايتون ڪري ڇڏيون. نئون ديرو پرسان ڳوٺ ميرواهه ڪوڪر ۾ ڪوڪر برادري جي ٻن ڌرين ۾ هلندڙ پراڻي خوني تڪرار تان هڪ ڌر جي هٿياربندن فائرنگ ڪري ڏني جنهن جي نتيجي ۾ گهر ۾ موجود 23 ورهين جي نسيم خاتون زال يار محمد ڪوکر ۽ 28 ورهين جي ڪرن زال سڪندر ڪوڪر گوليون لڳڻ ڪري موقعي تي قتل ٿي وين. واقعي جي اطلاع تي نئون ديرو ٿاڻي جي پوليس پهچي مقتولا عورتن جا لاش ڪٺائي نئون ديرو اسپتال پهچايا. جتي پوسٽ مارٽم ڪرڻ بعد لاش وارثن حوالي ڪيا ويا. لاش گهر پهچڻ تي گهرن ۾ روڄ راڙو پئجي ويو واقعي بابت نئون ديرو ٿاڻي جي پوليس جو چوڻ هو ته واقعو ڌرين ۾ هلندڙ پراڻي خوني تڪرار تان پيش آيو آهي. جڏهن ته مختلف رخن کان وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي. هوڏانهن واقعي جون خبرون ميڊيا تي نشر ٿيڻ بعد ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ناصر آفتاب پٺاڻ ۽ ايس ايس پي لاڙڪاڻو عبدالرحيم شيرازي نوٽيس وٺندي ايس ايڇ او نئون ديرو شاهد ميمڻ ۽ ڊي ايس پي نثار بروهي کي حڪم ڪيو ته واقعي ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ فوري طور ڪاروايون تيز ڪيون وڃن ۽ اهي نيستائين جاري رکيون وڃن جيستائين جوابدار گرفتار نٿا ڪيا وڃن. پوسٽ مارٽم ڪندڙ ڊاڪٽر موجب مقتولا عورتن کي منهن ۽ سيني ۾ گوليون لڳل هيون. واقعي بابت اسپتال ۾ موجود مقتولا عورتن جي وارثن جو چوڻ هو ته اسان گهر ۾ سئل هئاسين ته هٿياربندن اوچتو گهر تي حملو ڪري فائرنگ ڪري ڏني جنهن ۾ اسان جون 2 عورتون ڪرن ۽ نسيم گوليون لڳڻ ڪري موقعي تي ئي مارجي ويون. واقعي ۾ ملوث جوابدارن کي فوري طور گرفتار ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 27

لاءِ سخت تعريبازي ڪئي وئي احتجاج ۾ ايس يو جي صدر امداد بوزدار، شهزاد ڏاپائي، جاويد جتوئي، خالد پانهڻ، شوڪت راهي، عمر سومرو، سحرش ڪوڪر، جهانزيب وسير، قاضي ضياءالرحمان، يار محمد سومرو، ڪاشف ڦلپوٽو، طفيل وسطڙو، ناصر جعفري، شاهه ولي، انس ملڪ، عقيل قريشي، نادر سنجراڻي، اصغر علا عباسي، ڪشمير مهر، سليم ڊريهو، اعظم منگريو ۽ ٻين شرڪت ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته ايترو وقت گذري ويو پر سکر پوليس شهيد جان محمد مهر جي قاتلن کي گرفتار ڪرڻ ۾ نه رڳو ناڪام وئي آهي پر دهشتگردي جي خاتمي واري عدالت به ايف آئي آر ۾ نامزد جوابدار گرفتار ڪرڻ جي حڪم تي به عمل نه ڪري ان پنهنجي عدم دلچسپي ۽ غفلت جو مظاهرو ڪيو آهي ۽ ڪيس کي روايتي انداز ۾ سرد خاني حوالي ڪيو آهي اڳواڻن چيو ته هينئر سنڌ ۾ پاڪستان پيپلزپارٽي جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه بڻجي چڪو آهي جنهن شهيد جان محمد مهر جا قاتل هر صورت ۾ گرفتار ڪرڻ جي خاطري ڪرائي پر ان تي به عمل نه ڪيو ويو آهي اسان پاڪستان پيپلزپارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري کي اپيل ٿا ڪريون ته اهڙي غفلت ۽ سست ڪارڪردگي جو نوٽيس وٺي شهيد جان محمد مهر جي مڪ قاتلن کي گرفتار ڪرائڻ ۾ ڪردار ادا ڪيو وڃي اڳواڻن چيو ته جيستائين شهيد جان محمد جي قاتلن کي گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ نه ٿو آندو وڃي تيستائين جدوجهد جاري رکي ويندي.

بقايا سنڌيار 28

نٺي جو اهم اجلاس نٺي شهر ۾ ٿي گذريو. جنهن ۾ محمد امين بروهي، پير اياز قريشي، شاهنواز بروهي، حاجي فاروق احمد آرائين، ممتاز سومرو، جبار پنهور، اياز موندو، منظور عباسي ۽ ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪندي چيو ته هاءِ وي کاتي نٺي سميت ضلعي جي سمورن کاتن ۾ مقرر ڪيل افيسرن پاران مقامي ٺيڪيدارن کي نظرانداز ڪري انهن جي حق تلفي ڪرڻ سميت کين ترقياتي ڪمن جا ايندڙ ٽينڊر ڏيڻ بجاءِ پنهنجي من پسند ٺيڪيدارن جون لوڊيون آئين ٿا، جيڪا سائن وڏي ناانصافي آهي، پر هو آفيسرن جا ڪي به حربا ڪامياب ٿيڻ نه ڏينداسين، هنن چيو ته 18 مارچ تي هاءِ وي کاتي نٺي جا ٽينڊر کوليا ويندا، جيئن من پسند ٺيڪيدارن جي رستا روڪ ٿي سگهي، هنن چيو ته ڪنهن به ايڪسين جي ناانصافي برداشت نه ڪئي ويندي، هنن گهر ڪئي ته سائين انصاف ڪري کين نظرانداز ڪرڻ وارو رويو ختم ڪيو وڃي، ٻئي صورت ۾ اعلي عدليه سميت اعلي اختيارين کي رجوع ڪرڻ سان گڏ هاءِ وي کاتي نٺي جي ايندڙ ٽينڊرن کي ڪنهن به صورت ۾ ڪرپشن جي ور چڙهڻ نه ڏنو ويندو، جيڪڏهن اهڙي ڪا ڪوشش ڪئي وئي ته سخت احتجاج ڪيو ويندو.

بقايا سنڌيار 29

پاران يو اين وومين جي گڏيل سهڪار سان سکر آرٽس ڪائونسل ۾ ڪانفرنس ڪوٺائي وئي، جنهن ۾ مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ عورتن پڻ شرڪت ڪئي ڪانفرنس ۾ پينل ڊسڪشن رکي وئي، پينل ڊسڪشن ۾ عورتن جي حقن ۽ ڀلائي لاءِ خدمتون سرانجام ڏيندڙن عورتن، جن ۾ ايڊووڪيٽ غزالا ڪاشف، ايڊووڪيٽ فرزانا ڪوسو، ميڊيا جي شعبي سان تعلق رکندڙ سحرش ڪوڪر ۽ عورتن تي جنسي تشدد خلاف ڪم ڪندڙ ايڊووڪيٽ بختاور شيخ پنهنجي خيالن جو اظهار ڪيو. پينل ڊسڪشن کي سکر اروڙ يونيورسٽي جي مرتضي بلوچ ماڊريٽ خدمتون سرانجام ڏنيون. ڪونايل ڪانفرنس ۾ پهل پاڪستان جي سي اي او ديدار احمد ميراڻي خيالن جو اظهار ڪندي چيو ته پهل پاڪستان يو اين وومين جي سهڪار سان سکر توڙي خيرپور ضلعي پسمانده علائقن مان چونڊيل عورتن کي معاشي طور خودمختيار بڻائڻ لاءِ ڪم ڪري رهي آهي، پهل پاڪستان عورتن کي هنري سکيا ڏني ۽ کين هڪ هزار سلائي مشينون پڻ فراهم ڪيون آهن ته جيئن عورتون پنهنجو ڪاروبار ڪري پاڻ کي معاشي طور مظبوط بڻائي سگهن هن ٻڌايو ته عورتن کي جديد ڪاروباري صلاحيتن لاءِ پڻ سکيا جو پروگرام هلايو ويو آهي جنهن ۾ عورتون آنلائن بزنس ڪري سگهن ٿيون ۽ پهل پاڪستان انهن عورتن ۾ اڄوڪي ڏينهن تي اينڊرائڊ فون پڻ ورهائي رهي آهي. ڪانفرنس ۾ عورتن جي ڀلائي واري کاتي جي عبدالغفار ٿهيم، سوشل ويلفيئر ڊپارٽمينٽ جي خالد ملڪ، پاڪستان سويٽ هوم جي غلام شبير ميمڻ، عورتن جي حقن لاءِ پاڻ پتوڙيندڙ عذرا جمال، وومين اينڊ چائلڊ ڪمپلين سيل جي انچارج رخسانه منگي، پهل پاڪستان جي فاطمه جعفري، بشير احمد وسير، عاجز ميراڻي ۽ تانيا پٽي پڻ شرڪت ڪئي ڪانفرنس ۾ خيرپور ۽ سکر ضلعي جي ٻاهراڙي سان تعلق رکندڙ عورتن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا سنڌيار 30

ڪلب اڳيان پنهنجي پٽ محمد حسن ملاح جي ظلم خلاف احتجاج ڪندي چيو ته سگهو پٽ منهنجي جان جو ويري ٿي ويو آهي. هر روز ڪو نه ڪو بهانو ڪري مون تي تشدد ڪندو آهي. پيرسن محمد صديق ملاح چيو ته سندس پٽ محمد حسن لوفر قسم جو ماڻهو آهي جيڪو مون جان کان ماري ڇڏيندو هن چيو ته مون ايس ايس پي بدين، ڊي ايس پي ٽنڊوباگو ۽ ايس ايڇ او ٽنڊوباگو کي لکت ۾ درخواستون ڏنيون آهن پر هن تي ڪو به قدم نٿو کنيو وڃي. چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ، هن آئي جي سنڌ، ڊي آئي جي حيدرآباد کي اپيل ڪئي آهي ته لوفر پٽ جي خلاف قانوني ڪارروائي ڪري مون کي تحفظ فراهم ڪري پٽ جي ظلمن کان بچايو وڃي.

بقايا سنڌيار 31

جي باڊي جوڙي وئي. جنهن جو چيئرمين حافظ صادق مڱسي، صدر محمد جوکيو، سينيئر نائب صدر رسول بخش پالاري، جنرل سيڪريٽري پير غلام حسين شاهه، خزانچي عامر منگسي، ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جو چيئرمين صدام چانڊيو، جوائنٽ سيڪريٽري عاشق علي، نائب صدر وقار علي پالاري. رابطه سيڪريٽري سليم الدرن بروهي ۽ امام ڏنو بروهي، پريس سيڪريٽري شفيق جوکيو، آفيس سيڪريٽري فهيم بروهي، رمڪلي جوکيو ۽ لڪاڏنو منگسي کي چونڊيو ويو ان موقعي تي ريلوي کاتي جي ملازمن پاران چونڊيل نئين باڊي جي عهديدارن کي مبارڪون ڏيئي کين اجرڪن ۽ گلاب جي هارن جا تحفا پيش ڪيا. ان موقعي تي چونڊيل باڊي جي نون عهديدارن سمورن ريلوي کاتي جي ملازمن جو ٿورو مڃيندي چيو ته هنن مٿن مڪمل اعتماد جو اظهار ڪندي جيڪا کين ذميواري سونپي آهي. هوان کي هرحال ۾ پاءِ تڪميل تائين پهچائي ملازمن جا سمورا جائز مسئلا حل ڪرايا ويندا. هنن پڻ وفاقي حڪومت کان مطالبو ڪيو ته ريلوي کاتي جي ملازمن جا جائز مسئلا حل ڪري کين پريشاني کان بچايو وڃي.

بقايا سنڌيار 32

ديوانو ٽنڊو غلام علي (درجه ثانيه) حاصل , حفظ القرآن ..ڪلاس رابعه ۽ ثالثه (16 پارن کان 30 تائين) ۾ پهريون نمبر احمد رضا سولنگي ٽنڊو محمدخان شهر .(مڪمل پاره 20) ٻيون نمبر حافظ ياسر سمون ٽنڊو محمدخان شهر (مڪمل 30 پاره) ٽيون نمبر عبدالقادر سولنگي ٽنڊو محمدخان شهر حاصل ڪيو حفظ القرآن درجه ثانيه ۽ اولا (پهرين پاره کان 15 تائين) ۾ پهريون نمبر بلال قمبراڻي بدين لڳ سيراڻي شهر (مڪمل پاره 9) ..ٻيون نمبر محمد طيب پنهور ٽنڊو محمدخان شهر (مڪمل پاره 12) ..ٽيون نمبر بلال جهرڪ ٽنڊو محمدخان شهر (مڪمل پاره 10) حاصل ڪيو تقريب ۾ شعبه ناظره جي طلباءَ ۽ طالبات جو حسن قرات ۽ حسن نعت جو مقابلو پڻ ٿيو پوزيشن ڪندڙ شاگردن ۽ شاگرديائين کي مدرسي جي هيڊ مفتي مخدوم علي رضا محمودي قادري , علامه حافظ حسين بخش ڪرمي ۽ ٻين سندون ڏنيون , تقريب ۾ طلباءَ ۽ طالبات جي سرپرستن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا سنڌيار 33

عورتون سخت زخمي ٿي پيون جن کي سول اسپتال مڪلي منتقل ڪيو ويو آهي، جتي زخمي عورتن جي سڃاڻپ ٿي ناهي سگهي. ٻئي طرف ٺٽي شهر ۾ ڏينهن ڏٺي ميونسپل ڪميٽي اڳيان راهه ويندڙ عورتن کان نامعلوم چور پرس ڦري فرار ٿي ويا. ڦرجي ويل عورتن ڏانهيندي چيو ته سندن سڀ ڪجهه ان پرس ۾ هو جيڪو ٽائن کسجي ويو آهي. پرهتي پوليس به نٿي ڏسجي جيڪا عورتن جي حفاظت ڪري سگهي. هنن ايس ايس پي ٺٽو کان انصاف جو مطالبو ڪيو.

بقايا سنڌيار 34

گهارو هيلٿ سينٽر آندو منتقل ڪيو ويو جتان ايمبولينس ڊرائيور محمد خان کي فرسٽ ايڊ ڏيئي کيس وڌيڪ علاج لاءِ مڪلي اسپتال ريفر ڪيو ويو آهي. حادثي سبب ٻنهي گاڏين کي ڪافي نقصان پهتو آهي.

بقايا سنڌيار 35

پاران يو اين وومين جي گڏيل سهڪار سان سکر آرٽس ڪائونسل ۾ ڪانفرنس ڪوٺائي وئي، جنهن ۾ مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ عورتن پڻ شرڪت ڪئي ڪانفرنس ۾ پينل ڊسڪشن رکي وئي، پينل ڊسڪشن ۾ عورتن جي حقن ۽ ڀلائي لاءِ خدمتون سرانجام ڏيندڙن عورتن، جن ۾ ايڊووڪيٽ غزالا ڪاشف، ايڊووڪيٽ فرزانا ڪوسو، ميڊيا جي شعبي سان تعلق رکندڙ سحرش ڪوڪر ۽ عورتن تي جنسي تشدد خلاف ڪم ڪندڙ ايڊووڪيٽ بختاور شيخ پنهنجي خيالن جو اظهار ڪيو. پينل ڊسڪشن کي سکر اروڙ يونيورسٽي جي مرتضي بلوچ ماڊريٽ خدمتون سرانجام ڏنيون. ڪونايل ڪانفرنس ۾ پهل پاڪستان جي سي اي او ديدار احمد ميراڻي خيالن جو اظهار ڪندي چيو ته پهل پاڪستان يو اين وومين جي سهڪار سان سکر توڙي خيرپور ضلعي پسمانده علائقن مان چونڊيل عورتن کي معاشي طور خودمختيار بڻائڻ لاءِ ڪم ڪري رهي آهي، پهل پاڪستان عورتن کي هنري سکيا ڏني ۽ کين هڪ هزار سلائي مشينون پڻ فراهم ڪيون آهن ته جيئن عورتون پنهنجو ڪاروبار ڪري پاڻ کي معاشي طور مظبوط بڻائي سگهن هن ٻڌايو ته عورتن کي جديد ڪاروباري صلاحيتن لاءِ پڻ سکيا جو پروگرام هلايو ويو آهي جنهن ۾ عورتون آنلائن بزنس ڪري سگهن ٿيون ۽ پهل پاڪستان انهن عورتن ۾ اڄوڪي ڏينهن تي اينڊرائڊ فون پڻ ورهائي رهي آهي. ڪانفرنس ۾ عورتن جي ڀلائي واري کاتي جي عبدالغفار ٿهيم، سوشل ويلفيئر ڊپارٽمينٽ جي خالد ملڪ، پاڪستان سويٽ هوم جي غلام شبير ميمڻ، عورتن جي حقن لاءِ پاڻ پتوڙيندڙ عذرا جمال، وومين اينڊ چائلڊ ڪمپلين سيل جي انچارج رخسانه منگي، پهل پاڪستان جي فاطمه جعفري، بشير احمد وسير، عاجز ميراڻي ۽ تانيا پٽي پڻ شرڪت ڪئي ڪانفرنس ۾ خيرپور ۽ سکر ضلعي جي ٻاهراڙي سان تعلق رکندڙ عورتن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا سنڌيار 36

يوٽليٽي اسٽور وارن کي پابند ڪيو وڃي ته هو سامان غائب ڪرڻ بجاءِ مقرر سستي اگهن ۾ ماڻهن کي سامان ڏين ته اسان وٽ ڪوب خريدار ته ايندو واپارين جو موقف جنهن تفصيل موجب ڊي سي بدين پاران رمضان شريف جي مهيني ۾ مهانگائي تي ڪنٽرول ڪرڻ ۽ عام واهپي جون شيون سستي اگهن ۾ وڪرو ڪرڻ لاءِ ڪالهه سندس آفيس ۾ بدين جي واپارين سان گڏجاڻي ڪئي گڏجاڻي ۾ موجود واپارين موجب ته هنن ڊي سي بدين جي اڳيان واضع ڪيو آهي ته رمضان شريف 3 آهن ۽ انهن شين جا اگر به وڌايي ڇڏيا آهن واپارين جو موقف هو ته جڏهن اسان کي مهانگيون شيون ملنديون ته اسين سستيون ڪئين وڪرو ڪنداسين واپاري ڊي سي بدين کي ٻڌايو ته اسان کي هول سيل ۾ ڪنڊ 140 روپيا ڪلو ملندي ته اسان گهٽ ريٽ ۾ نه وڪڻنداسين پر يوٽليٽي اسٽورتي اها ڪنڊ ماڻهن کي 119 روپيين ۾ وڪرو ڪرڻي آهي پر يوٽليٽي اسٽورن تان ڪنڊ سميت جانور گيه پتي بيسڻ سميت عام واهپي جڳن شيون ڪميشن عيوض واپارين کي وڪرو ڪيون پيون وڃن اگر انهن تي ڪنٽرول ٿئي ته ۽ يوٽليٽي اسٽورن تي سرڪاري مقرر اگهن ۾ ماڻهن کي سامان ملي ته اسان وٽ ڪو به خريدار نه ايندو جنهن تي گڏجاڻي ۾ موجود يوٽليٽي اسٽورجي ويئر هائوس جي انچارج کي ڊي سي بدين چند پٽيندي چيو ته اسان وٽ به اهڙيون شڪايتون پهتيون آهن ۽ هاڻ اسان توهان تي چيڪ اينڊ بيلنس رکڻ لاءِ ڪميٽي جوڙيون ٿا ۽ ڊي سي بدين سبزي ۽ فروٽ جي واپارين ڊي سي کي ٻڌايو ته ڪراچي جي سبزي ۽ فروٽ جي هول سيلرواپارين ڪيلو ۽ بيوفروٽ ڪولڊ اسوريج ڪري ڇڏي آهي جنهن ڪري فروٽ هينٽرئي مهانگو ٿي ويو آهي سبزي جي واپارين ٻڌايو ته ڪراچي ۾ بصر ذخيرو ڪري مارڪيٽ ۾ ڪوٽ پيدا ڪري مهانگو ڪري ڇڏيو ان جنهن ڪري هڪ هفتي ۾ بصر 280 روپيا ڪلو ٿي ويو آهي واپارين طرفان هول سيلر واپارين جي من مانين تي تي ۽ يوٽليٽي اسٽور ڪارپوريشن تي ڪنٽرول ڪرڻ تي زور ڏيڻ تي ڊي سي بدين چيو ته هو ان حوالي سان ڪمشنر سان ڳالهائيندو

حيدرآباد اليڪٽرڪ سپلائي ڪمپني (حيسڪو)

آڇن جي دعوت

حيدرآباد اليڪٽرڪ سپلاءِ ڪمپني (HESCO) ڪيٽيگري ايم 1 (آئٽم IV) هيٺ DISCO/WAPDA/PEPCO جي پري ڪواليفائيڊ ۽ رجسٽرڊ مينيوفيڪچررز ۽ منظور ٿيل ورڪشاپس جيڪي انڪم ٽيڪس ۽ سيلز ٽيڪس ڊپارٽمينٽ سان رجسٽرڊ هجن کان هيٺ ڄاڻايل ريجنل اسٽور حيسڪو حيدرآباد ۽ نواب شاهه جي اسٽورز ۾ ڊسٽريبيوشن ٽرانسفارمرز ۽ مرمت کان پوءِ انهن جي فري لفٽنگ ۽ ڊليوري لاءِ مهربند آڇون گهرائي ٿي.

ٽينڊر نمبر	ٽرانسفرمر جي صلاحيت	تعداد (نمبر)	تفصيل	تاريخ ۽ وقت	
				آڇون جمع ڪرڻ	آڇون کولڻ
1818/24	25 kVA	150	DDS_84:2007 (without Amendment No.5)	26.03.2024 صبح جو 11:00 وڳي	26.03.2024 صبح جو 11:30 وڳي
1819/24	50 kVA	150			

مقامي ڪرنسي ۾ يونٽ جي شرح جي بنياد تي (120 ڏينهن لاءِ صحيح) بغير ڪنهن به پرڏيهي متاستا جي عنصر کي شامل ڪرڻ جي مرمت ٿيل ٽرانسفارمر PEPCO جي قابل اطلاق منظور ٿيل وضاحتن سان مطابقت رکندا هجن.

تفصيلي شرط ۽ ضابطن. آڇون جمع ڪرائڻ جي لاءِ پروڪيورمينٽ طريقيڪار. بڊ سيڪيورٽي. آڇ جي موثر هجڻ. آڇ کولڻ. چنڊڇاڻ جا معيار. وضاحت/آڇون رد ڪرڻ. پرفارمنس گارنٽي وغيره تي مشتمل آڇ دستاويز خواهشمند آڇ ڏيندڙن جي لاءِ مينيجر (مٽيريل مينيجمينٽ) حيسڪو جي آفيس. روم نمبر 237. واپڊا آفيسز ڪامپليڪس. حسين اباد حيدرآباد ۾ موجود آهي. آڇ دستاويزن جو اگهه هرهڪ ٽينڊر جي لاءِ 2000 رپيا (ناقابل واپسي) آهي. ڪوبه ٽينڊر فارم ٽينڊر کولڻ جي تاريخ تي جاري ڪيا ويندا.

پري بڊ ميٽنگ 19.03.2024 تي صبح جو 11:00 وڳي منعقد ڪئي ويندي.

آڇ دستاويزن ۾ ڏنل هدايتن جي مطابق تيار ڪيل آڇون لازمي طور تي مينيجر (مٽيريل مينيجمينٽ) حيسڪو جي آفيس. روم نمبر 237. واپڊا آفيسز ڪامپليڪس. حسين آباد حيدرآباد مٿي ڏنل ڪلوزنگ تاريخن ۽ وقت تي يا اڳ تائين پهچڻ گهرجن. آڇون ساڳئي ڏينهن تي اڳ ڄاڻايل تاريخ ۽ وقت تي کوليون وينديون.

هي اشتهار پي پي آر اي ويب سائيٽ www.ppra.org.pk تي موجود آهي.

مينيجر (مٽيريل مينيجمينٽ)
حيسڪو حيدرآباد
فون نمبر: 022-9260127
اي ميل: mmm@hesco.gov.pk

PID (H) 320/2023

آفيس آف دي ايگزيڪيوٽو انجنيئر هاءِ ويز ڊويزن ڪشمور ايٽ ڪنڌڪوٽ

Phone: 0722/2573773, No.XEN:(HWs)/TC/ 47 /2023
Kash:@K.kot Dated: 06/03/2024.

ٽينڊر گهرائڻ لاءِ نوٽيس

1. SPPRA قاعدي 2010 (ترميم ٿيل 2019) جي مطابق. دلچسپي رکندڙ ٺيڪيدارن/فرمز/ڪمپنين کان جامع شيڊول ريٽ CSR (2012_جي مطابق هيٺ ڏنل ڪمن جي خريداري لاءِ ساليانو ڊولپمينٽ پروگرام 2023_24 تحت بڊنگ دستاويز جي معياري فارم تي سيل ٿيل ٽينڊرز کي دعوت ڏني وڃي ٿي.

سيريل نمبر	اسڪيم جو نالو	ڪُل لاڳت	ڪانٽريڪٽر ڪيٽگري	تڪميل جو مدو	ٽينڊر جي لاڳت	سوڙي رقم
1	گڊو روڊ کان وايا ڳوٺ شبير احمد کان ڳوٺ غلام حسين مزاري ۽ لالي خان مزاري، مالوخان مزاري تائين روڊ جي بيهر تعمير، 02. خير شاهه روڊ جي روڊ جي جاري حصن جي بيهر تعمير، 03. انڊس هاءِ وي روڊ جي بيهر تعمير (اي ڊي پي نمبر: 2714)	10.000	C_4 ۽ مٿي	12 مهينا	3000	05%
2	منگهو ڦاٽڪ کان شاهي واهه تائين روڊ جي بيهر تعمير، 02. ڳوٺ ملڪ لاڙو جي روڊ جي بيهر تعمير، 03. انڊس هاءِ وي کان ايڊووڪيٽ عبدالرئوف تائين روڊ جي بيهر تعمير (اي ڊي پي نمبر: 2714)	10.000	C_4 ۽ مٿي	12 مهينا	3000	05%
3	روڊ جي اڏاوت 01. شيخ روڊ کان ايليسي روڊ تائين. 02. ڳوٺ شڪر محمد جکراڻي، 03. ڳوٺ هير الدين نئون روڊ. 04. گڊو روڊ وايا ڳوٺ وڏيرا علي گوهر خان مزاري کان پراڻي شاهي واهه تائين (اي ڊي پي نمبر: 2716) (ڪلوميٽر 6.0)	10.000	C_4 ۽ مٿي	12 مهينا	3000	05%
4	روڊ جي اڏاوت 01. ڳوٺ جام خان گولاٽو. 02. غوث بخش خان وزيراڻي دومڪي ۽ ڳوٺ افضل خان ۽ مقدم خان دومڪي. 04. ڳوٺ عبدالرحمٰن واگهڙ. 05. ڳوٺ بخت علي خان (اي ڊي پي نمبر 2717)	10.000	C_4 ۽ مٿي	12 مهينا	3000	05%
5	ڳوٺ عبدالباري ڪوسو ۾ روڊ جي بيهر تعمير. 02. ڳوٺ مير ذوالفقار خان وزيراڻي جي روڊ جي بيهر تعمير. 03. ڳوٺ دڪن ۾ اسڪول جي بيهر تعمير (اي ڊي پي نمبر 2718)	10.000	C_4 ۽ مٿي	12 مهينا	3000	05%
6	پيور اسفالٽ روڊ جي بيهر تعمير (18 انچ ويڪر) گڊو ڪشمور روڊ کان ڳوٺ مهر الله ملڪ تائين مراد واهه ٽائون ڪميٽي ڪشمور 04 ڪلوميٽر (اي ڊي پي نمبر: 2719)	10.000	C_4 ۽ مٿي	12 مهينا	3000	05%
7	پيور اسفالٽ روڊ جي بيهر تعمير (24 انچ فوٽ ويڪر) انڊس هاءِ وي ذريعي عيد گاهه سان گڏ مراد واهه ڊرينيج اسڪيم (فيز_1) تعلقي ڪشمور (اي ڊي پي نمبر: 2720)	10.000	C_4 ۽ مٿي	12 مهينا	3000	05%
8	پيور اسفالٽ روڊ جي بيهر تعمير ("24 فوٽ ويڪر) انڊس هاءِ وي کان وٺي عيد گاهه سان گڏ مراد واهه ڊرينيج اسڪيم (فيز_II) تعلقي ڪشمور (اي ڊي پي نمبر: 2721)	10.000	C_4 ۽ مٿي	12 مهينا	3000	05%
9	روڊ جي بيهر تعمير 01. سوئي لائين پراڻي روڊ ڳوٺ واريو ماڇي تائين. 02. مراد واهه کان بي ايس فيڊر تائين. 03. روڊ جي تعمير چانڊيول روڊ نمبر کان ڳوٺ وڏيرا شبن خان مزاري (اي ڊي پي نمبر: 2722)	10.000	C_4 ۽ مٿي	12 مهينا	3000	05%
10	روڊ جي اڏاوت 01. رئيس وحيد بخش چاچڙ. 02. ڳوٺ رئيس بهادر چاچڙ. 03. ڳوٺ ناچ. 04. ڳوٺ بنو خان لاشاري. 05. ڳوٺ حاجي گهلاڻي خان مزاري 6. ڳوٺ عيد گاهه محلا ۽ ڪلوڙ محلا (اي ڊي پي نمبر: 2723)	10.000	C_4 ۽ مٿي	12 مهينا	3000	05%
11	سيفل روڊ کان ڳوٺ بهار خان سهرياڻي يوسي وڪرو کان ڪنڌڪوٽ کان وٺي ڳوٺ شاهه ڊينو سهرياڻي کان انڊس هاءِ وي کان ڳوٺ محمد بخش پنگريو سي اڪيرو وايا خير شيخ روڊ تائين ميٽل روڊ جي تعمير روڊ (اي ڊي پي نمبر: 2724)	10.000	C_4 ۽ مٿي	12 مهينا	3000	05%
12	وارڊ نمبر: 01 کان 16 (ايم سي ڪنڌڪوٽ) (فيز_2) ۾ ٽف ٽائل پيور روڊ جي تعمير (اي ڊي پي نمبر: 2451)	10.000	C_4 ۽ مٿي	12 مهينا	3000	05%
13	پيار علي سنڌراڻي تعلقي ڪنڌڪوٽ کي برقرار رکڻ واري ديوار سوڊو چن جي تعمير (اي ڊي پي نمبر: 1822)	10.000	C_4 ۽ مٿي	12 مهينا	3000	05%
14	ريٽائننگ وال سنڌ ڊورو کان مکواڻي روڊ انڊس هاءِ وي تائين بي / ايس فيڊر تعلقي ڪنڌڪوٽ تائين تعمير (اي ڊي پي نمبر: 1823)	10.000	C_4 ۽ مٿي	12 مهينا	3000	05%
15	ٽائون ڪميٽي غوثپور وارڊ نمبر 01 کان 10 ۾ ٽف ٽائل پيور روڊ جي تعمير (اي ڊي پي نمبر: 2351)	10.000	C_4 ۽ مٿي	12 مهينا	3000	05%

2. اهليت: موجوده مالي سال لاءِ انڪم ٽيڪس ڊپارٽمينٽ (FBR)، سنڌ روينيو بورڊ (SRB) ۽ پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل (PEC) سان لاڳاپيل درجي (CE_01) ۾ صحيح رجسٽريشن.
3. خريداري جو طريقو: سنگل اسٽيج ٻه لفافو پروسيس، اوپن نيشنل مقابلي واري بولي.
4. بڊنگ/ٽينڊر دستاويز (جاري ڪرڻ، جمع ڪرائڻ ۽ کولڻ)

سيريل نمبر	تفصيل	پهرين ڪوشش	ٻين ڪوشش (ٽينڊر جي موٽ نه ملڻ جي صورت ۾)
i.	درخواستن جي وصولي ۽ ٽينڊرز جي جاري ڪرڻ جي آخري تاريخ هن اين اءِ ٽي جي اخبارن ۾ ڇپجڻ کان صبح 05:00 وڳي تائين ٽينڊر في جي پيمنٽ تي (نه ورڻ جوڳي)	25.03.2024	11.04.2024
ii.	ٽينڊر جي وصولي ۽ کولڻ (ٽينڊر کي 09:00 وڳي صبح وصول ڪيو ويندو ۽ 10:00 وڳي کوليو ويندو	26.03.2024	12.04.2024
iii.	اجراءِ، جمع ڪرائڻ، انڪوائريز ۽ کولڻ جو هنڌ ايگزيڪيوٽو انجنيئر هاءِ ويز ڊويزن ڪشمور ايٽ ڪنڌڪوٽ، ڊسٽرڪٽ ڪشمور ايٽ ڪنڌڪوٽ ۽ ڊپٽي ڪمشنر آفيس ڪنڌڪوٽ		

(شرط ۽ ضابطا)

هيٺ ڏنل شرطن جي هيٺان درخواست رد ڪئي ويندي:

(i) گهربل رقم ۽ فرم جي بڊ سيڪيورٽي سان گڏ نه آهن
(ii) مقرر ڪيل تاريخ ۽ وقت کان پوءِ وصول ٿيل بوليون.
(iii) بليڪ لسٽ ڪمپنيون/ ڪنهن به مقدمي ۾ ملوث
(iv) نامڪمل بلڊنگ دستاويز (صرف مقدار جو بل هجڻ)
(a) غير دستخط ٿيل ۽ اڻ سڌريل بلڊنگ دستاويز.
(b) پروڪيورنگ ايجنسي SPPRA رولز 2010 (تاريخ ۾ ترميم ٿيل) جي مطابق ڪنهن به يا سڀني بولين کي رد ڪرڻ جا حق محفوظ رکي ٿي.
(c) قبول ڪندڙ بوليندڙ کي گهربل آهي ته هيٺ ڏنل دستاويز پيش ڪرڻ سان گڏ:

(a) معاهدي جا دستاويز ۽ ٻيون شرطون ۽ شرطون SPPRA جي آفيشل ويب سائيٽ يعني https://ppms.pprasindh.gov.pk/PPMS/ تان ڊسي يا ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿيون. مٿي ڄاڻايل رقم ۽ 5٪ بڊ سيڪيورٽي اندازي جي قيمت / بولي جي قيمت ڪال جمع جي شڪل ۾ هيٺ ڏنل دستخط جي حق ۾ ۽ ڪو ٻي آرڊر صحيح ناهي.
(b) سرٽيفڪيٽ NTN (i) سرٽيفڪيٽ (فعال حيثيت سان)، SRB (ii) سرٽيفڪيٽ (فعال حيثيت سان) ۽ (iii) صحيح PEC سرٽيفڪيٽ (جون 2023 تائين لاڳاپيل درجي ۾ ۽ ملندڙ خاص ڪوڊ سان گڏ مالڪ/مالڪ جي CNIC جي ڪاپي.
(c) مڪمل ڪم جي فهرست (03 نمبر) گذريل ٽن سالن تائين (2021 کان 2023) هاءِ ويز جي ڪم جي دستاويزي ثبوت سان گڏ ڪم جي اطمينان بخش مڪمل ٿيڻ جي سرٽيفڪيٽ ۽ ڪم جي انعام جي خط جي ڪاپي سان.
(d) هاءِ ويز جي هلندڙ ڪم جي فهرست (03 نمبر) دستاويزي ثبوتن سان گڏ ڪم جي انعام جي ڪاپين سان.
(e) دستاويزي ثبوتن سان گڏ ڪم جي عمل لاءِ موجود مشينري ۽ سامان جو تفصيل.
(f) نالن ۽ اهم سائيٽ مئنيجمينٽ اسٽاف ثبوت سان ٽيڪنيڪل اهلڪارن جي قابليت ۽ تجربو
(g) گذريل 03 سالن جو بئنڪ اسٽيٽمينٽ، ڪم جي تخميني لاڳت جو 20 سيڪڙو نقد جي دستيابي ۽ مالي قابليت جي مطابق ڪم جي تخميني لاڳت جي 100 سيڪڙو کان مٿي يو آرا ين ڪرڻ گهرجي.
(h) موجوده حلف نامو ته فرم ڪنهن به مقدمي ۾ ملوث ناهي ۽ ڪنهن به ڪم کي نه ڇڏيو آهي.
(i) حلف نامو ته ڏنل معلومات، دستاويز ۽ ڊيٽا بلڪل صحيح ۽ درست آهي.
(j) گذريل 03 سالن سان گڏ ڪمپني جي آڊٽ رپورٽ.
(k) جمع ڪرائڻ / کولڻ جي تاريخ ۽ وقت تي ناپسنديده خرابين جي صورت ۾ يا جيڪڏهن حڪومت موڪلن جو اعلان ڪري ٿي ته ٽينڊر ايندڙ ڪم واري ڏينهن تي ساڳئي وقت ۽ جڳهه تي جمع ڪيو ويندو.

6. بولي ۾ هڪ پيڪيج هوندو جنهن ۾ ٻه الڳ لفافا هوندا، هر لفافي ۾ الڳ الڳ فنانشل پروپوزل ۽ ٽيڪنيڪل پروپوزل هوندو. لفافي تي ٽيڪنيڪل پروپوزل ۽ فنانشل پروپوزل کي ٿلهي ۽ جائز اکرن ۾ نشان لڳايو ويندو ته جيئن مونجهاري کان بچي سگهجي.
7. ٽيڪنيڪل پروپوزل کوليو ويو فرمن جي ٽيڪنيڪل قابليت لاءِ جائزو ورتو ويندو. فنانشل بڊس / پروپوزل کي ٽيڪنيڪل طور تي قابليت رکندڙ فرمز کي کوليو ويندو تاريخ ۽ وقت تي جيڪو لڪٽ ۾ سڀني قابل ٺيڪيدارن / فرمز کي ٻڌايو ويندو. ٽيڪنيڪل نااهل قرار ڏنل مالي بوليون / تجويزون لاڳاپيل بولي ڏيندڙن کي واپس ڪيون وينديون جيڪي کليل نه آهن.

ايگزيڪيوٽو انجنيئر
هاءِ ويز ڊويزن
ڪشمور ايٽ ڪنڌڪوٽ

INF/KRY#677/23

پڙهندي سنڌ ته.... وڌندي سنڌ